## رکوع 17

## کعبتہ اللہ کي نماز لاءِ قبلو بڻايو ويو.

سَيَقُولُ السُّفَهَاءُ مِنَ النَّاسِ مَا وَلَّاهُمْ
عَنْ قِبْلَتِهِمُ الَّتِي كَانُوا عَلَيْهَا ۚ قُلْ لِلَّهِ
الْمَشْرِقُ وَالْمَغْرِبُ ۚ يَهْدِي مَنْ يَشَاءُ إِلَىٰ
صِرَاطٍ مُسْتَقِيمٍ ﴿١٤٢﴾

(١٤٢) بي سمجھ ماڻھو چوندا تہ کھڙي ڳالھ جي ڪري مسلمان جنھن طرف منھن ڪري نماز پڙھندا ھئا سو ڦيرائي ٻئي طرف منھن تا ڪن. (اي پيغمبر) چئو تہ، مشرق ۽ مغرب (سڀ طرف) اللہ ئي جي لاءِ آھن. (ھو ڪنھن خاص جاءِ تي محدود ناھي) ھو جنھن کي چاھي ٿو تنھن کي سڌي واٽ ڪولي ڏيکاري ٿو.

وَكَذَٰلِكَ جَعَلْنَاكُمْ أُمَّةً وَسَطًا لِتَكُونُوا
شُهَدَاءَ عَلَى النَّاسِ وَيَكُونَ الرَّسُولُ عَلَيْكُمْ
شَهِيدًا ۗ وَمَا جَعَلْنَا الْقِبْلَةَ الَّتِي كُنْتَ
عَلَيْهَا إِلَّا لِنَعْلَمَ مَنْ يَتَّبِعُ الرَّسُولَ مِمَّنْ
يَنْقَلِبُ عَلَىٰ عَقِبَيْهِ ۚ وَإِنْ كَانَتْ لَكَبِيرَةً
إِلَّا عَلَى الَّذِينَ هَدَى اللَّهُ ۗ وَمَا كَانَ اللَّهُ
لِيُضِيعَ إِيمَانَكُمْ ۚ إِنَّ اللَّهَ بِالنَّاسِ لَرَءُوفٌ
رَحِيمٌ ﴿١٤٣﴾

(١٤٣) ۽ (اي مسلمانو! جھڙيءَ طرح بيت المقدس جي بدران ڪعبتہ اللہ کي قبلو بڻايو ويو آھي تھڙي طرح) اسان توھان کي سڀني کان وڌيڪ نيڪ امت ڪيو آھي، انھيءَ لاءِ تہ توھان سڄي دنيا جي انسانن کي سچي دين جي شاھدي ڏيڻ وارا ٿيو ۽ اوھان کي ھيستائين بيت المقدس جي قبلي تي قائم رکيو ويو ھو سو فقط ھن لاءِ تہ ھن موقعي تي معلوم ٿي وڃي تہ کھڙا ماڻھو رسول ڪريم جي تابعداري ۾ پڪا آھن ۽ کھڙا پنئين پير ڦرڻ وارا آھن ۽ (سچ ھي آھي تہ) جن کي اللہ تعاليٰ ھدايت ڪئي آھي تن کان سواءِ ٻين لاءِ ھي معاملو سخت آزمائش وارو ھو، پوءِ يقين ڪيو تہ اللہ تعاليٰ توھان جو پڪو ايمان ضايع نہ ڪندو (اوھان کي وڏو اجر ڏيندو) بيشڪ اللہ تعاليٰ سراسر شفقت ۽ رحمت وارو آھي.

قَدْ نَرَىٰ تَقَلُّبَ وَجْهِكَ فِي السَّمَاءِ ۖ
فَلَنُوَلِّيَنَّكَ قِبْلَةً تَرْضَاهَا ۚ فَوَلِّ وَجْهَكَ
شَطْرَ الْمَسْجِدِ الْحَرَامِ ۚ وَحَيْثُ مَا كُنْتُمْ
فَوَلُّوا وُجُوهَكُمْ شَطْرَهُ ۗ وَإِنَّ الَّذِينَ أُوتُوا
الْكِتَابَ لَيَعْلَمُونَ أَنَّهُ الْحَقُّ مِنْ رَبِّهِمْ ۗ وَ
مَا اللَّهُ بِغَافِلٍ عَمَّا يَعْمَلُونَ ﴿١٤٤﴾

(١٤٤) (اي پيغمبر!) اسان ڏسي رھيا آھيون تہ تنھنجو منھن مبارڪ بار بار آسمان جي طرف کڄي رھيو آھي (يعني توکي شوق آھي تہ قبلي متعلق ڪو حڪم اچي) سو اسان تمام جلد تنھنجو منھن اھڙي قبلي ڏي ڪنداسين جنھن ۾ تون خوش ٿيندين. ھاڻي تون پنھنجو منھن مسجد الحرام (ڪعبت اللہ) ڏانھن ڦيراءِ ۽ جتي بہ تون ۽ تنھنجا اصحاب ھجن اتي ڪعبت اللہ ڏي منھن ڪري نماز پڙھو ۽ جن ماڻھن کي ڪتاب ڏنو ويو آھي (يعني يھودي ۽ نصاريٰ) سي پڪ سان ڄاڻن ٿا تہ بلاشڪ ھي (قبلي جو ڦيرائجڻ) حق آھي جو سندن پروردگار وٽان آيو آھي (جو تہ سندن ڪتابن ۾ اھا پيشنگوئي ڪيل آھي) اللہ تعاليٰ سندن عملن جي باري ۾ ھرگز غافل ناھي.

وَلَئِنْ أَتَيْتَ الَّذِينَ أُوتُوا الْكِتَابَ بِكُلِّ آيَةٍ
مَا تَبِعُوا قِبْلَتَكَ ۚ وَمَا أَنْتَ بِتَابِعٍ قِبْلَتَهُمْ ۚ
وَمَا بَعْضُهُمْ بِتَابِعٍ قِبْلَةَ بَعْضٍ ۚ وَلَئِنِ
اتَّبَعْتَ أَهْوَاءَهُمْ مِنْ بَعْدِ مَا جَاءَكَ مِنَ
الْعِلْمِ ۙ إِنَّكَ إِذًا لَمِنَ الظَّالِمِينَ ﴿١٤٥﴾

(١٤٥) جيڪڏھن تون اھل ڪتاب وارن اڳيان سڀ نشانيون ۽ سھڻا دليل پيش ڪرين تہ بہ ھو ھرگز تنھنجي قبلي جي پيروي نہ ڪندا، نڪي تون ھنن جي قبلي جي پيروي ڪندين. ھو تہ (اڳئي اھڙا چڙوچڙ ٿيل آھن جو) پاڻ ۾ ئي ڪنھن ھڪڙي قبلي تي متفق ناھن. (ياد رکو تہ) جيڪڏھن اوھان ھنن جي خواھشن جي پيروي ڪندؤ، جڏھن تہ توھان وٽ سچو علم ۽ ھدايت اچي چڪي آھي تہ پوءِ توھان يقيناً نافرماني ڪندڙن منجھان ٿي پوندؤ.

(وقف لازم)

الَّذِيْنَ اٰتَيْنٰهُمُ الْكِتٰبَ يَعْرِفُوْنَهٗ كَمَا يَعْرِفُوْنَ اَبْنَآءَهُمْ ؕ وَاِنَّ فَرِيْقًا مِّنْهُمْ لَيَكْتُمُوْنَ الْحَقَّ وَهُمْ يَعْلَمُوْنَ ﴿١٤٦﴾

(١٤٦) جن ماڻهن کي اسان ڪتاب ڏنو آهي (يعني تورات ۽ انجيل جا عالم) سي اسلام جي پيغمبر کي اهڙوئي چڱيءَ طرح سڃاڻن ٿا جهڙو پنهنجي اولاد کي سڃاڻن ٿا. (يعني) هنن کي پڪ آهي ته اهوئي آخري رسول آهي، انهن متعلق سندن مقدس ڪتابن ۾ اهڃاڻ ڏنل آهن) تنهن هوندي به هنن ۾ هڪ ٽولي اهڙي آهي جا ڄاڻي ٻجهي به حق کي لڪائي ٿي.

(ع ١٧ / ١)

اَلْحَقُّ مِنْ رَّبِّكَ فَلَا تَكُوْنَنَّ مِنَ الْمُمْتَرِيْنَ ﴿١٤٧﴾

(١٤٧) يقين ڪيو ته (هي قبلي ڦيرائڻ وارو حڪم) اوهان جي پروردگار جي طرف کان حق جو امر آهي. پوءِ متان شڪ آڻڻ وارن منجهان ٿيو.

## رکوع 18

## رسول پاڪ جي تعليم قرآن مجيد ۽ حڪمت سيکارڻ ۽ مسلمانن جون دليون پاڪ (تربيت) ڪرڻ

(وقف النبي صلى الله عليه وآله وسلم)

وَلِكُلٍّ وِّجْهَةٌ هُوَ مُوَلِّيْهَا فَاسْتَبِقُوا الْخَيْرٰتِ ؕ اَيْنَ مَا تَكُوْنُوْا يَاْتِ بِكُمُ اللّٰهُ جَمِيْعًا ؕ اِنَّ اللّٰهَ عَلٰى كُلِّ شَىْءٍ قَدِيْرٌ ﴿١٤٨﴾

(١٤٨) سڀ ڪنهن جماعت جي لاءِ هڪ طرف آهي جاڏي هو (عبادت جي وقت) پنهنجو منهن ڪن ٿا. (انهي ۾ حق ۽ باطل جو معيار رکيل ڪونهي. اصلي مقصد آهي نيڪ عملي) سو توهان نيڪين ڪرڻ ۾ هڪ ٻئي کان اڳتي وڌڻ جي ڪوشش ڪيو، جتي به توهان هوندؤ تتان الله تعاليٰ اوهان سڀني کي هڪ هنڌ آڻيندو. بيشڪ الله تعاليٰ هر شيءِ تي قادر آهي ۽ سڀ ڪجهه ڪري ٿو سگهي.

وَمِنْ حَيْثُ خَرَجْتَ فَوَلِّ وَجْهَكَ شَطْرَ الْمَسْجِدِ الْحَرَامِ ؕ وَاِنَّهٗ لَلْحَقُّ مِنْ رَّبِّكَ ؕ وَمَا اللّٰهُ بِغَافِلٍ عَمَّا تَعْمَلُوْنَ ﴿١٤٩﴾

(١٤٩) ۽ (اي پيغمبر!) توهان ڪٿان به نڪرو ۽ ڪٿي به هجو ته (نماز ۾) پنهنجو منهن ڪعبي جي طرف ڪيو ۽ يقين ڪيو ته هيءُ حڪم اوهان جي پروردگار وٽان حق جو امر آهي ۽ يقين سان ڄاڻو ته الله تعاليٰ اوهان جي جي عملن کان غافل هرگز ناهي.

وَمِنْ حَيْثُ خَرَجْتَ فَوَلِّ وَجْهَكَ شَطْرَ الْمَسْجِدِ الْحَرَامِ ؕ وَحَيْثُ مَا كُنْتُمْ فَوَلُّوْا وُجُوْهَكُمْ شَطْرَهٗ ۙ لِئَلَّا يَكُوْنَ لِلنَّاسِ عَلَيْكُمْ حُجَّةٌ ۙ اِلَّا الَّذِيْنَ ظَلَمُوْا مِنْهُمْ ۗ فَلَا تَخْشَوْهُمْ وَاخْشَوْنِىْ ۗ وَلِاُتِمَّ نِعْمَتِىْ عَلَيْكُمْ وَلَعَلَّكُمْ تَهْتَدُوْنَ ﴿١٥٠﴾

(١٥٠) ۽ ڏسو توهان ڪٿان به نڪرو ۽ ڪٿي به هجو ته (نماز ۾) پنهنجو منهن ڪعبي جي طرف ڪيو ۽ (اي مسلمانو توهان ڪٿي به هجو ته نماز ۾) پنهنجو منهن ڪعبي جي طرف ڦيرايو. (قبلي جي مقرري تي هيترو تاڪيد جو ڪيو ويو آهي سو) انهيءَ لاءِ ته ماڻهن کي اوهان جي خلاف ڪو به دليل نه رهي (۽ سڀني کي هيءَ حقيقت چٽيءَ طرح معلوم ٿي وڃي ته حضرت ابراهيم جو عبادتگاه توهان جي لاءِ قبلو مقرر ٿي ويو) پر انهن ماڻهن جيڪي ظالم آهن سي ته ڪنهن به حالت ۾ مخالفت ڪندا. پوءِ انهن کان بلڪل نه ڊڄو، فقط مون کان ڊڄو ۽ اهو (حڪم قبلي وارو) هن لاءِ پڻ ڏنو ويو آهي ته مان (الله تعاليٰ) اوهان تي پنهنجي نعمت پوري ڪيان ۽ پڻ انهيءَ لاءِ ته توهان سڌيءَ راهه تي هلو.

كَمَآ اَرْسَلْنَا فِيْكُمْ رَسُوْلًا مِّنْكُمْ يَتْلُوْا

(١٥١) جيئن (مون اڳئي اوهان تي وڏي نعمت ڪئي آهي جو) اوهان مان

ع ١٨ ٥ ٢

عَلَيْكُمْ اٰيٰتِنَا وَيُزَكِّيْكُمْ وَيُعَلِّمُكُمُ الْكِتٰبَ وَ
الْحِكْمَةَ وَيُعَلِّمُكُمْ مَّا لَمْ تَكُوْنُوْا
تَعْلَمُوْنَ ﴿١٥١﴾

هڪڙي کي اوهان ڏانهن رسول ڪري موڪليو اٿم. هو اوهان کي اسان جون آيتون پڙهي ٻڌائي ٿو، اوهان جي دلين کي صاف ۽ پاڪ ڪري ٿو، اوهان کي ڪتاب ۽ حڪمت ٿو سيکاري ۽ اهي ڳالهيون سيکاري ٿو جي توهان اڳي بلڪل ڪونه ڄاڻندا هئو.

فَاذْكُرُوْنِيْٓ اَذْكُرْكُمْ وَاشْكُرُوْا لِيْ وَلَا
تَكْفُرُوْنِ ﴿١٥٢﴾

(١٥٢) تنهن ڪري مون کي هر وقت ياد ڪندا رهو (۽ منهنجي حڪمن تي عمل ڪندا رهو) مان به توهان کي نه وساريندس (اوهان کي اجر ۽ ڪاميابي ڏيندس) ۽ منهنجي نعمتن جو (عملاً) قدر ڪريو ۽ بي شڪر نه ٿجو.

## رڪوع 19

## مسلمانن کي عمل، صبر، ثابت قدمي ۽ قربانيءَ جي دعوت

يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوا اسْتَعِيْنُوْا بِالصَّبْرِ وَ
الصَّلٰوةِ ۭ اِنَّ اللّٰهَ مَعَ الصّٰبِرِيْنَ ﴿١٥٣﴾

(١٥٣) اي ايمان وارؤ! صبر ۽ نماز جي وسيلي (ڪاميابي حاصل ڪرڻ لاءِ) مدد وٺو ۽ يقين ڪريو ته الله تعاليٰ صبر ڪرڻ وارن سان آهي.

وَلَا تَقُوْلُوْا لِمَنْ يُّقْتَلُ فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ
اَمْوَاتٌ ۭ بَلْ اَحْيَاۗءٌ وَّلٰكِنْ لَّا تَشْعُرُوْنَ ﴿١٥٤﴾

(١٥٤) ۽ جيڪي ماڻهو الله جي راهه ۾ قتل ٿين ٿا تن به نسبت ائين نه چئو ته هو مري ويا آهن، نه نه هو زنده آهن، پر توهان هنن جي زندگي ڏسي ۽ سمجهي نٿا سگهو.

وَلَنَبْلُوَنَّكُمْ بِشَيْءٍ مِّنَ الْخَوْفِ وَالْجُوْعِ
وَنَقْصٍ مِّنَ الْاَمْوَالِ وَالْاَنْفُسِ وَالثَّمَرٰتِ ۭ
وَبَشِّرِ الصّٰبِرِيْنَ ﴿١٥٥﴾

(١٥٥) (۽ ياد رکو ته) توهان کي ضرور خطرن ۽ خوفن ۽ بک جي تڪليفن جان ۽ مال ملڪيت جي نقصانن ۽ فصلن جي تباهي سان آزمائيندا سين، پوءِ جيڪي ماڻهو صبر ۽ ثابت قدمي اختيار ڪندا انهن کي (فتح ۽ ڪامرانيءَ جي) بشارت (خوشخبري) ڏي.

الَّذِيْنَ اِذَآ اَصَابَتْهُمْ مُّصِيْبَةٌ ۙ قَالُوْٓا اِنَّا لِلّٰهِ
وَاِنَّآ اِلَيْهِ رٰجِعُوْنَ ﴿١٥٦﴾

(١٥٦) اهي (صبر ڪندڙ) اُهي آهن جيڪي جڏهن ڪا مصيبت مٿن اچي ڪڙڪي ٿي ته (بي قرار ٿيڻ جي بدران الله کي ياد ڪري پاڻ ۾ وڏي قوت پيدا ڪن ٿا ۽ روحاني جذبي سان) چون ٿا ته اسان ۽ اسان جو سڀ ڪجهه الله جي لاءِ آهي ۽ اسان کي آخر ڏانهنس ئي موٽڻو آهي.

اُولٰۗىِٕكَ عَلَيْهِمْ صَلَوٰتٌ مِّنْ رَّبِّهِمْ وَرَحْمَةٌ ۣ
وَاُولٰۗىِٕكَ هُمُ الْمُهْتَدُوْنَ ﴿١٥٧﴾

(١٥٧) يقيناً اهڙن ئي ماڻهن تي سندن پروردگار جو لطف ۽ ڪرم آهي ۽ مٿن رب جي رحمت ٿي وسي ۽ اهي ئي ڪاميابيءَ جي راهه تي آهن.

اِنَّ الصَّفَا وَالْمَرْوَةَ مِنْ شَعَاۗىِٕرِ اللّٰهِ ۚ فَمَنْ
حَجَّ الْبَيْتَ اَوِ اعْتَمَرَ فَلَا جُنَاحَ عَلَيْهِ اَنْ
يَّطَّوَّفَ بِهِمَا ۭ وَمَنْ تَطَوَّعَ خَيْرًا ۙ فَاِنَّ اللّٰهَ
شَاكِرٌ عَلِيْمٌ ﴿١٥٨﴾

(١٥٨) بيشڪ صفا ۽ مروه (جون ٽڪريون) الله تعاليٰ جي (حڪمت ۽ رحمت جون) نشانيون آهن، پوءِ جيڪو شخص حج يا عمري جي نيت سان اتي وڃي ۽ ڪعبت الله جو طواف ڪري ته ڪا گناهه جي ڳالهه ڪانهي، جيڪڏهن انهن ٻنهي (ٽڪرين) جي وچ ۾ ڦيرا ڏئي. جيڪڏهن ڪو به شخص (دل جي خوشيءَ سان) نيڪي جو ڪو ڪم ڪري ٿو ته الله تعاليٰ ان جو قدر ڪرڻ وارو (اجر ڏيڻ وارو) آهي ۽ سڀ ڪجهه ڄاڻندڙ آهي.

اِنَّ الَّذِيْنَ يَكْتُمُوْنَ مَآ اَنْزَلْنَا مِنَ الْبَيِّنٰتِ وَ الْهُدٰى مِنْ بَعْدِ مَا بَيَّنّٰهُ لِلنَّاسِ فِى الْكِتٰبِ ۙ اُولٰٓئِكَ يَلْعَنُهُمُ اللّٰهُ وَ يَلْعَنُهُمُ اللّٰعِنُوْنَ ۙ﴿۱۵۹﴾

(١٥٩) جيڪي ماڻھو (ڪنھن نقصان يا تڪليف جي خوف کان يا ڪنھن لالچ سبب) اسان جي نازل ڪيل سچائي جي روشن دليلن ۽ ھدايتن کي لڪائين ٿا جيتوڻيڪ اسان انھن کي انسانن لاءِ ڪتاب ۾ چڱي طرح بيان ڪيو آھي تن تي يقيناً الله تعاليٰ لعنت ڪري ٿو (اھي رحمت کان محروم رھجي وڃن ٿا) ۽ لعنت ڪرڻ وارا بہ ھنن تي لعنت ٿا ڪن.

اِلَّا الَّذِيْنَ تَابُوْا وَ اَصْلَحُوْا وَ بَيَّنُوْا فَاُولٰٓئِكَ اَتُوْبُ عَلَيْهِمْ ۚ وَ اَنَا التَّوَّابُ الرَّحِيْمُ ﴿۱۶۰﴾

(١٦٠) پر جيڪي ماڻھو گناھن کان توبھ ڪن ٿا ۽ پاڻ کي سڌارين ٿا ۽ (حق لڪائڻ بدران) حق کي ظاھر ڪن ٿا تہ پوءِ مان سندس توبھ قبول ڪيان ٿو. بلاشبہ مان توبھ قبول ڪندڙ ۽ رحم وارو آھيان.

اِنَّ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا وَ مَاتُوْا وَ هُمْ كُفَّارٌ اُولٰٓئِكَ عَلَيْهِمْ لَعْنَةُ اللّٰهِ وَ الْمَلٰٓئِكَةِ وَ النَّاسِ اَجْمَعِيْنَ ۙ﴿۱۶۱﴾

(١٦١) پر جن ماڻھن حق کان انڪار ڪيو ۽ ڪفر جي حالت ۾ مري ويا (۽ سڌرڻ جو وجھ وڃائي ڇڏيائون) انھن تي الله تعاليٰ جي، ملائڪن جي ۽ انسانن جي، سڀني جي لعنت پئي.

خٰلِدِيْنَ فِيْهَا ۚ لَا يُخَفَّفُ عَنْهُمُ الْعَذَابُ وَ لَا هُمْ يُنْظَرُوْنَ ﴿۱۶۲﴾

(١٦٢) ھميشہ لعنت جي حالت ۾ رھندا. نڪي ھنن جي عذاب ۾ ھلڪائي ڪئي ويندي، نڪي ڪين مھلت ملندي.

وَ اِلٰهُكُمْ اِلٰهٌ وَّاحِدٌ ۚ لَآ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ الرَّحْمٰنُ الرَّحِيْمُ ۧ﴿۱۶۳﴾ ع ۱۱ ۲

(١٦٣) ۽ (ياد رکو تہ) اوھان جو معبود ھڪ ئي معبود آھي، ھن جي ذات کان سواءِ ٻيو ڪوبہ معبود ڪونھي جنھن جي عبادت ڪري سگھجي ۽ ھو ڏاڍو مھربان ۽ وڏي رحم وارو آھي.

## رڪوع 20

**خدا پرستيءَ تي قائم رھڻ، عقل کان ڪم وٺڻ، ڪائنات تي غور ۽ فڪر ڪرڻ. قومن جي تباھيءَ جو بنيادي سبب ڪوڙن رھبرن جي تابعداري.**

اِنَّ فِىْ خَلْقِ السَّمٰوٰتِ وَ الْاَرْضِ وَ اخْتِلَافِ الَّيْلِ وَ النَّهَارِ وَ الْفُلْكِ الَّتِىْ تَجْرِىْ فِى الْبَحْرِ بِمَا يَنْفَعُ النَّاسَ وَ مَآ اَنْزَلَ اللّٰهُ مِنَ السَّمَآءِ مِنْ مَّآءٍ فَاَحْيَا بِهِ الْاَرْضَ بَعْدَ مَوْتِهَا وَ بَثَّ فِيْهَا مِنْ كُلِّ دَآبَّةٍ ۪ وَّ تَصْرِيْفِ الرِّيٰحِ وَ السَّحَابِ الْمُسَخَّرِ بَيْنَ السَّمَآءِ وَ الْاَرْضِ لَاٰيٰتٍ لِّقَوْمٍ يَّعْقِلُوْنَ ﴿۱۶۴﴾

(١٦٤) يقيناً زمين ۽ آسمان جي حيرت انگيز خلقت ۾ ۽ رات ۽ ڏينھن جي ھڪ ٻئي پٺيان اچڻ ۾، جھازن ۾ جيڪي انسان جي نفع وارين شين سان سمنڊ ۾ ھلن ٿا ۽ برسات ۾، جا الله تعاليٰ آسمان مان نازل ڪري ٿو جنھن جي برڪت سان مئل ڌرتي کي جيئرو ڪري ٿو ڇڏي (يعني زمين سرسبز ٿئي ٿي) ڳالھ ۾ تہ زمين تي ھر قسم جي جانورن کي پکيڙي ٿو ڇڏي ۽ ھوائن کي ھيڏي ھوڏي ڦيرائڻ ۾ ۽ ڪڪرن ۾ جي زمين ۽ آسمان جي وچ تي (مقرر حدن اندر) حڪم ھيٺ ٻڌل رھن ٿا. (انھن سڀني ۾) انھن ماڻھن لاءِ جيڪي عقل ھلائين ٿا (الله تعاليٰ جي ھستي ۽ ھيڪڙائي ۽ سندس رحمت جي قانونن جون) وڏيون نشانيون موجود آھن.

وَ مِنَ النَّاسِ مَنْ يَّتَّخِذُ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ اَنْدَادًا يُّحِبُّوْنَهُمْ كَحُبِّ اللّٰهِ ؕ وَ الَّذِيْنَ

(١٦٥) ڪي انسان اھڙا بہ آھن جيڪي خدا سان ٻين ھستين کي شريڪ ۽ ٻائيوار ڪن ٿا ۽ انھن سان اھڙي محبت رکن ٿا جھڙي فقط الله سان رکڻ گھرجي، پر اھي جيڪي الله تي ايمان رکن ٿا تن جي دلين ۾ الله جي حب

اٰمَنُوْٓا اَشَدُّ حُبًّا لِّلّٰهِ ؕ وَ لَوْ يَرَى الَّذِيْنَ
ظَلَمُوْٓا اِذْ يَرَوْنَ الْعَذَابَ ۙ اَنَّ الْقُوَّةَ لِلّٰهِ
جَمِيْعًا ۙ وَّ اَنَّ اللّٰهَ شَدِيْدُ الْعَذَابِ ﴿١٦٥﴾

سيني کان ياده آهي. جا ڳالھ ظالم انهيءَ وقت سمجھندا ۽ محسوس ڪندا جنهن وقت عذاب هنن جي اڳيان اچي ويندو (سا ڳالھ هن وقت محسوس ڪن تہ ڪھڙو نہ چڱو ٿئي. انهيءَ ڏينهن هو چڱي طرح ڏسندا تہ) بلاشبہ هر قسم جي قوت فقط الله کي آهي ۽ (حق جي قانونن ڀڃڻ وارن لاءِ) الله تعاليٰ جو عذاب تمام سخت آهي.

اِذْ تَبَرَّاَ الَّذِيْنَ اتُّبِعُوْا مِنَ الَّذِيْنَ اتَّبَعُوْا وَ
رَاَوُا الْعَذَابَ وَ تَقَطَّعَتْ بِهِمُ الْاَسْبَابُ ﴿١٦٦﴾

(١٦٦) ياد رکو تہ (ڪوڙا ليڊر ۽ پيشوا) جن جي پيروي ڪئي ويئي هئي، پنهنجھي پيروي ڪندڙن کان بيزاري ظاهر ڪندا (يعني چوندا تہ اسان جو هنن سان ڪوبہ واسطو ڪونهي) ڇو تہ هو پنهنجي اکين سان عذاب ڏسندا ۽ هنن جا هڪ ٻئي سان لاڳاپا ۽ وسيلا ٽٽي ويندا (ڪوبہ ڪنهن جي مدد يا فڪر نہ ڪندو).

وَ قَالَ الَّذِيْنَ اتَّبَعُوْا لَوْ اَنَّ لَنَا كَرَّةً فَنَتَبَرَّاَ
مِنْهُمْ كَمَا تَبَرَّءُوْا مِنَّا ؕ كَذٰلِكَ يُرِيْهِمُ
اللّٰهُ اَعْمَالَهُمْ حَسَرٰتٍ عَلَيْهِمْ ؕ وَمَا هُمْ
بِخٰرِجِيْنَ مِنَ النَّارِ ﴿١٦٧﴾ ع ٢٠ ٤

(١٦٧) پوءِ اهي ماڻھو جن (ڪوڙن پيشوائن جي) پيروي ڪئي هئي، سي پڪاريندا تہ هاءِ اسان کي هڪ دفعو وري دنيا ۾ موٽايو وڃي تہ اسان هنن (ڪوڙن پيشوائن) کان اهڙي طرح بيزاري ظاهر ڪيون جھڙيءَ طرح هو هاڻي اسان کان بيزاري ظاهر ڪري رهيا آهن. ڏسو اهڙي طرح الله تعاليٰ هنن کي سندن عمل ڏيکاريندو جو هو حسرت ۽ ارمان ۾ غلطان ٿي ويندا. هو انهيءَ باھ مان ڪڏهن بہ ٻاهر نہ نڪرندا.

## رکوي 21

**ڪھڙيون شيون کائڻ حرام آهن، حق کي لڪائڻ جي عيوض دنيا جا خسيس فائدا خريد ڪندڙ پنهنجي اندر ۾ باھ کان سواءِ ٻيو ڪجھ بہ نٿا وجھن.**

يٰاَيُّهَا النَّاسُ كُلُوْا مِمَّا فِي الْاَرْضِ حَلٰلًا
طَيِّبًا ۖ وَّ لَا تَتَّبِعُوْا خُطُوٰتِ الشَّيْطٰنِ ؕ اِنَّهٗ
لَكُمْ عَدُوٌّ مُّبِيْنٌ ﴿١٦٨﴾

(١٦٨) اي انسانؤ! زمين تي جيڪي بہ حلال ۽ پاڪ شيون موجود آهن سي بيشڪ شوق سان کائو (پاڻ تي اجايون رڪاوٽون وجھڻ شيطاني وسوسا آهن) توهان شيطان جي نقش قدم تي نہ هلو، هو اوهان جو کليو کلايو دشمن آهي.

اِنَّمَا يَاْمُرُكُمْ بِالسُّوْٓءِ وَ الْفَحْشَآءِ وَ اَنْ
تَقُوْلُوْا عَلَى اللّٰهِ مَا لَا تَعْلَمُوْنَ ﴿١٦٩﴾

(١٦٩) شيطان اوهان کي برائين ۽ بيشرميءَ جي ڳالھين جو حڪم ڏيندو ۽ (پڻ هيءَ تعليم ڏيندو تہ) الله جي طرف اهڙيون ڪوڙيون ڳالھيون منسوب ڪيو جن متعلق حقيقت ۾ اوهان کي علم ئي ڪونهي.

وَ اِذَا قِيْلَ لَهُمُ اتَّبِعُوْا مَآ اَنْزَلَ اللّٰهُ قَالُوْا
بَلْ نَتَّبِعُ مَآ اَلْفَيْنَا عَلَيْهِ اٰبَآءَنَا ؕ اَوَ لَوْ
كَانَ اٰبَآؤُهُمْ لَا يَعْقِلُوْنَ شَيْئًا وَّ لَا
يَهْتَدُوْنَ ﴿١٧٠﴾

(١٧٠) ۽ جڏهن هنن ماڻھن کي چئجي ٿو تہ جيڪا هدايت الله تعاليٰ فرمائي آهي تنهن جي پيروي ڪريو تڏهن هو چون ٿا تہ نہ نہ اسان تہ انهيءَ طريقي تي هلندسين جنهن تي پنهنجي وڏن کي هلندي ڏٺوسين. (انهن کان پڇو تہ) جيڪڏهن اوهان جا وڏا عقل ۽ هدايت کان محروم رهيا هجن تہ توهان بہ عقل ۽ هدايت کان انڪار ڪندؤ ڇا؟

وَمَثَلُ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا كَمَثَلِ الَّذِيْ يَنْعِقُ بِمَا لَا يَسْمَعُ اِلَّا دُعَآءً وَّنِدَآءً ۭ صُمٌّۢ بُكْمٌ عُمْيٌ فَهُمْ لَا يَعْقِلُوْنَ ۝١٧١

(١٧١) جن ماڻهن حق کان انڪار ڪيو آهي انهن جو مثال اهڙو آهي (يعني انهن کي انڌي تقليد جي بجاءِ عقل ۽ هدايت جي دعوت ڏيڻ اهڙو آهي) جهڙو هڪڙو ڌنار ڍورن ڍڳن جي اڳيان رڙيون ۽ واڪا ڪري جي رڙيون ڍور بلڪل ڪونہ ٿا سمجهن، سواءِ انهيءَ آواز جي جيڪو هنن کي سڏڻ لاءِ ڪم آڻبو آهي. اهي ڪافر ٻوڙا گونگا ۽ انڌا ٿي ويا آهن تنهن ڪري هو عقل نہ هلائيندا نہ ڪي ڪجھ سمجهندا.

يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا كُلُوْا مِنْ طَيِّبٰتِ مَا رَزَقْنٰكُمْ وَاشْكُرُوْا لِلّٰهِ اِنْ كُنْتُمْ اِيَّاهُ تَعْبُدُوْنَ ۝١٧٢

(١٧٢) اي مؤمنو! جيڪڏهن توهان فقط الله جي ٻانهپ ڪرڻ وارا آهيو (۽ ڄاڻو ٿا تہ حلال ۽ حرام بہ نسبت سندس ئي حڪمن تي هلڻو آهي) تہ پوءِ اهي سڀ پاڪ شيون کائو جي الله تعاليٰ اوهان جي کائڻ لاءِ پيدا ڪيون آهن ۽ جيڪڏهن توهان فقط خدا جي عبادت ڪرڻ چاهيو ٿا تہ پوءِ (توهان ان جي ڏنل نعمتن کي چڱيءَ طرح ڪم آڻي) سچي شڪر گذاري ڪيو.

اِنَّمَا حَرَّمَ عَلَيْكُمُ الْمَيْتَةَ وَالدَّمَ وَلَحْمَ الْخِنْزِيْرِ وَمَآ اُهِلَّ بِهٖ لِغَيْرِ اللّٰهِ ۚ فَمَنِ اضْطُرَّ غَيْرَ بَاغٍ وَّلَا عَادٍ فَلَآ اِثْمَ عَلَيْهِ ۭ اِنَّ اللّٰهَ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ۝١٧٣

(١٧٣) اوهان لاءِ حرام ڪيل شيون فقط هي آهن، مردار جانور، جانورن جو رت، سوئر جو گوشت ۽ اهو جانور جو الله کان سواءِ ڪنهن ٻئي هستيءَ جي نالي وٺڻ سان ذبح ڪيو ويو هجي، پر لاچاري حالت ۾ (جڏهن حلال شيون نہ ملي سگهن) ڪو کائي تہ مٿس گناھ ڪونهي، بشرطيڪ شريعت جي حڪمن کان باغي ٿيڻ جي نيت نہ هجيس ۽ انهيءَ انداز کان زياده نہ کائي جيترو حياتي بچائڻ لاءِ ضروري هجي. بيشڪ الله تعاليٰ خطائون معاف ڪندڙ ۽ رحمت وارو آهي.

اِنَّ الَّذِيْنَ يَكْتُمُوْنَ مَآ اَنْزَلَ اللّٰهُ مِنَ الْكِتٰبِ وَيَشْتَرُوْنَ بِهٖ ثَمَنًا قَلِيْلًا ۙ اُولٰۗىِٕكَ مَا يَاْكُلُوْنَ فِيْ بُطُوْنِهِمْ اِلَّا النَّارَ وَلَا يُكَلِّمُهُمُ اللّٰهُ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ وَلَا يُزَكِّيْهِمْ ښ وَلَهُمْ عَذَابٌ اَلِيْمٌ ۝١٧٤

(١٧٤) جيڪي ماڻهو انهن حڪمن کي لڪائين ٿا جي الله تعاليٰ پنهنجي ڪتاب ۾ نازل ڪيا آهن ۽ انهيءَ (حق کي لڪائڻ) جي عيوض ۾ دنيا جا خسيس فائدا خريد ٿا ڪن اهي ماڻهو پنهنجي اندر ۾ باھ کان سواءِ ٻيو ڪجھ بہ نٿا وجهن. قيامت جي ڏينهن الله تعاليٰ انهن سان ڳالهائيندو بہ ڪين، نڪي هنن کي گناهن کان آجو ڪندو ۽ هنن کي سخت عذاب ۾ وڌو ويندو.

اُولٰۗىِٕكَ الَّذِيْنَ اشْتَرَوُا الضَّلٰلَةَ بِالْهُدٰى وَالْعَذَابَ بِالْمَغْفِرَةِ ۚ فَمَآ اَصْبَرَهُمْ عَلَى النَّارِ ۝١٧٥

(١٧٥) اهي ئي ماڻهو آهن جن هدايت وڪڻي گمراهي خريد ڪئي ۽ خدائي بخشش جي بدلي ۾ عذاب خريد ڪيو.

ذٰلِكَ بِاَنَّ اللّٰهَ نَزَّلَ الْكِتٰبَ بِالْحَقِّ ۭ وَاِنَّ الَّذِيْنَ اخْتَلَفُوْا فِي الْكِتٰبِ لَفِيْ شِقَاقٍۢ بَعِيْدٍ ۝١٧٦ ع ٢١ ٩ ٥

(١٧٦) اهو هن ڪري ٿيو جو الله تعاليٰ ڪتاب (تورات) سچائي سان نازل ڪيو هو (جڏهن وحي ٿو اچي تڏهن پنهنجن وهمن ۽ گمانن تي هلڻ جي ضرورت ئي ڪانهي، پر هي اهل ڪتاب اختلافن ۾ پئجي ويا) بيشڪ پوءِ جن ماڻهن الله جي حڪمن بابت مختلف واٽون ڪڍيون سي تفرقہ بازي ۽ اختلافن ۾ گمراھ ٿي ويا.

## رکوع 22

## نيڪي جي راھ، قصاص، مرڻ وقت وصيت ڪرڻ

لَيۡسَ الۡبِرَّ اَنۡ تُوَلُّوۡا وُجُوۡهَكُمۡ قِبَلَ الۡمَشۡرِقِ
وَالۡمَغۡرِبِ وَلٰكِنَّ الۡبِرَّ مَنۡ اٰمَنَ بِاللّٰهِ وَالۡيَوۡمِ
الۡاٰخِرِ وَالۡمَلٰٓئِكَةِ وَالۡكِتٰبِ وَالنَّبِيّٖنَ ۚ وَاٰتَى
الۡمَالَ عَلٰى حُبِّهٖ ذَوِى الۡقُرۡبٰى وَالۡيَتٰمٰى وَ
الۡمَسٰكِيۡنَ وَابۡنَ السَّبِيۡلِ ۙ وَالسَّآئِلِيۡنَ وَفِى
الرِّقَابِ ۚ وَاَقَامَ الصَّلٰوةَ وَاٰتَى الزَّكٰوةَ ۚ وَ
الۡمُوۡفُوۡنَ بِعَهۡدِهِمۡ اِذَا عٰهَدُوۡا ۚ وَالصّٰبِرِيۡنَ
فِى الۡبَاۡسَآءِ وَالضَّرَّآءِ وَحِيۡنَ الۡبَاۡسِ ؕ اُولٰٓئِكَ
الَّذِيۡنَ صَدَقُوۡا ؕ وَاُولٰٓئِكَ هُمُ الۡمُتَّقُوۡنَ ﴿۱۷۷﴾

(۱۷۷) نيڪي ۽ بزرگي انهيءَ ۾ ناهي تہ توهان (نماز جي وقت) منهنجو منهن مغرب يا مشرق ڏي تا ڦيرايو (يا اهڙيون ظاهري رسمون بجا تا آڻيو) پر سچ پچ نيڪ ماڻهو اهي آهن جيڪي الله تي، آخرت جي ڏينهن تي، فرشتن تي، خدائي ڪتابن تي ۽ خدا جي سڀني نبين تي پورو ايمان رکن ٿا، خدا جي محبت وچان پنهنجو مال مائٽن، يتيمن، مسڪينن، مسافرن ۽ سوال ڪندڙن کي ڏين ٿا ۽ غلامن کي آزاد ڪرائڻ لاءِ خرچ ڪن ٿا، نماز قائم ڪن ٿا ۽ زڪوات ڏين ٿا. جڏهن ڪو عهد اقرار ڪن ٿا تہ اهو پورو ڪن ٿا، تنگي ۽ مصيبت جي حالت ۾ يا خوف ۽ هراس جي وقت ۾ صبر ڪرڻ وارا (۽ پنهنجي فرض اداين ۾ ثابت قدم) ٿين ٿا. بيشڪ اهي ئي ماڻهو نيڪيءَ جي راھ ۾ سچا آهن ۽ اهي ئي متقي آهن.

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡا كُتِبَ عَلَيۡكُمُ الۡقِصَاصُ
فِى الۡقَتۡلٰى ؕ اَلۡحُرُّ بِالۡحُرِّ وَالۡعَبۡدُ بِالۡعَبۡدِ وَ
الۡاُنۡثٰى بِالۡاُنۡثٰى ؕ فَمَنۡ عُفِىَ لَهٗ مِنۡ اَخِيۡهِ
شَىۡءٌ فَاتِّبَاعٌ ۢ بِالۡمَعۡرُوۡفِ وَاَدَآءٌ اِلَيۡهِ
بِاِحۡسَانٍ ؕ ذٰلِكَ تَخۡفِيۡفٌ مِّنۡ رَّبِّكُمۡ وَ
رَحۡمَةٌ ؕ فَمَنِ اعۡتَدٰى بَعۡدَ ذٰلِكَ فَلَهٗ
عَذَابٌ اَلِيۡمٌ ﴿۱۷۸﴾

(۱۷۸) اي مؤمنو! قتل جي حالت ۾ اوهان کي قصاص (يعني بدلي وٺڻ جو حڪم ڏنو وڃي ٿو (پر انسان سڀ برابر  آهن) جيڪڏهن آزاد ماڻهو ڪنهن آزاد ماڻهو کي قتل ڪيو آهي تہ ان جي بدلي ۾ اهوئي قتل ڪيو وڃي (ائين نہ تہ مقتول وڏي پوزيشن وارو ماڻهو هجي يا وڏي خاندان ۽ نسل جو هجي تہ ان جي عيوض ۾ ٻہ ماڻهو قتل ڪيا وڃن، جيئن اڳي عربن جو دستور هو) جيڪڏهن غلام قاتل آهي تہ غلام ئي قتل ڪيو ويندو (ائين نہ تہ مقتول آزاد هجي تہ بدلي ۾ وري ٻہ غلام قتل ڪيا وڃن) ۽ عورت قاتل هجي تہ عورت ئي قتل ڪئي ويندي پوءِ جيڪڏهن قاتل کي مقتول جو وارث ڀاءُ معافي ڏئي (۽ خون بها وٺڻ تي راضي ٿئي) تہ پوءِ قاتل کي ڇڏي سگهجي ٿو. ان حالت ۾ وارث انصاف طور مناسب خون بها گهري ۽ قاتل سهٽي نموني  سان ڏئي (جيئن صلح ۽ ڀائپي قائم رهي) هي (جو عدل ۽ مساوات جو اصول قائم ڪيو ويو آهي ۽ معافي ۽ خون بها جائز ٺهرائي ويئي آهي سو) توهان جي پالڻهار وٽان (اڳوڻن سخت قانونن جي) هلڪائي آهي ۽ وڏي رحمت آهي، هاڻي هن کان پوءِ جيڪو زيادتي ڪندو تنهن کي سخت عذاب ملندو.

وَلَكُمۡ فِى الۡقِصَاصِ حَيٰوةٌ يّٰۤاُولِى الۡاَلۡبَابِ
لَعَلَّكُمۡ تَتَّقُوۡنَ ﴿۱۷۹﴾

(۱۷۹) اي سمجھ وارو! قصاص واري حڪم ۾ اوهان جي لاءِ زندگي آهي (ڇو تہ جيڪڏهن قاتل کي ڇڏي ڏبو تہ خونريزيون گهٽيون ٿينديون) هي حڪم انهيءَ لاءِ آهي تہ توهان پاڻ تي ضابطو رکو ۽ پرهيز ڪرڻ سکو.

كُتِبَ عَلَيۡكُمۡ اِذَا حَضَرَ اَحَدَكُمُ الۡمَوۡتُ اِنۡ
تَرَكَ خَيۡرَا ۖۚ اۨلۡوَصِيَّةُ لِلۡوَالِدَيۡنِ وَالۡاَقۡرَبِيۡنَ

(۱۸۰) هي حڪم ٻہ توهان کي ڏجي ٿو تہ جڏهن ڪنهن ماڻهو کي موت اچي ويجهو پوي ۽ مال متاع ڇڏي وڃڻ وارو هجي تہ ڪيس گهرجي تہ پهنجي ماءُ پيءُ ۽ مائٽن لاءِ انصاف واري وصيت ڪري. متقي ماڻهن تي

بِالْمَعْرُوْفِ ۚ حَقًّا عَلَى الْمُتَّقِيْنَ ﴿١٨٠﴾

حق آهي ته ائين ڪن.

فَمَنْۢ بَدَّلَهٗ بَعْدَ مَا سَمِعَهٗ فَاِنَّمَآ اِثْمُهٗ عَلَى الَّذِيْنَ يُبَدِّلُوْنَهٗ ؕ اِنَّ اللّٰهَ سَمِيْعٌ عَلِيْمٌ ﴿١٨١﴾

(١٨١) پوءِ جيڪو ماڻهو وصيت ٻڌڻ بعد ان ۾ ڦيرڦار ڪري ته پوءِ گناهه انهيءَ تي آهي جيڪو اهڙي ڦيرڦار ڪري. (وصيت تي ان جو اثر ڪونه پوندو وصيت جيئن اصل ڪيل هئي، ان جي تعميل ائين ڪرڻي آهي) بيشڪ الله تعاليٰ سڀ ڪجهه ٻڌندڙ ۽ ڄاڻندڙ آهي.

فَمَنْ خَافَ مِنْ مُّوْصٍ جَنَفًا اَوْ اِثْمًا فَاَصْلَحَ بَيْنَهُمْ فَلَآ اِثْمَ عَلَيْهِ ؕ اِنَّ اللّٰهَ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿١٨٢﴾ ع ٢٣/٦

(١٨٢) پر جيڪڏهن وصيت ڪرڻ واري ڪان پاسخاطري يا گناهه جو انديشو هجي ته پوءِ جيڪڏهن ڪو ماڻهو (وصيت ڪندڙ کي سمجهائي يا وارثن کي سمجهائي) انهن ۾ ناهه ڪرائي ڇڏي ته ائين ڪرڻ ۾ هن تي ڏوهه ڪونهي. بيشڪ الله تعاليٰ غلطيون بخشيندڙ ۽ رحم وارو آهي.

## رڪوع 23

## روزن جو حڪم ۽ مسئلا ۽ انهن جا روحاني فائدا

يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا كُتِبَ عَلَيْكُمُ الصِّيَامُ كَمَا كُتِبَ عَلَى الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِكُمْ لَعَلَّكُمْ تَتَّقُوْنَ ﴿١٨٣﴾

(١٨٣) اي مؤمنو! جهڙيءَ طرح اڳين ماڻهن تي روزا فرض ڪيا ويا هئا، تهڙيءَ طرح اوهان تي به فرض ڪيا ويا آهن، انهيءَ لاءِ ته توهان پاڻ تي ضابطو رکڻ ۽ براين کان بچڻ سکو.

اَيَّامًا مَّعْدُوْدٰتٍ ؕ فَمَنْ كَانَ مِنْكُمْ مَّرِيْضًا اَوْ عَلٰى سَفَرٍ فَعِدَّةٌ مِّنْ اَيَّامٍ اُخَرَ ؕ وَعَلَى الَّذِيْنَ يُطِيْقُوْنَهٗ فِدْيَةٌ طَعَامُ مِسْكِيْنٍ ؕ فَمَنْ تَطَوَّعَ خَيْرًا فَهُوَ خَيْرٌ لَّهٗ ؕ وَاَنْ تَصُوْمُوْا خَيْرٌ لَّكُمْ اِنْ كُنْتُمْ تَعْلَمُوْنَ ﴿١٨٤﴾

(١٨٤) ڳڻيل ڏينهن (روزا رکڻا آهن، گهڻا ڪونه آهن) جيڪڏهن اوهان مان ڪو بيمار هجي ۽ سفر ۾ هجي ته ٻين ڏينهن ۾ (رمضان جا) باقي روزا رکي عدد پورو ڪري ۽ جيڪي ماڻهو روزي جي تڪليف بلڪل برداشت ڪري نه سگهن (مثلاً نهايت پوڙها ماڻهو يا دائم المريض) اهي روزي جي بدران هڪ مسڪين کي ماني کارائين، پر جيڪڏهن ڪو پنهنجي خوشيءَ سان وڌيڪ مسڪينن کي کارائن ته هن جو اجر وڌيڪ ٿيندو پر جيڪڏهن سمجهي ٿو ته پوءِ سمجهي وٺو ته روزو رکڻ اوهان جي لاءِ بهتر آهي.

شَهْرُ رَمَضَانَ الَّذِيْٓ اُنْزِلَ فِيْهِ الْقُرْاٰنُ هُدًى لِّلنَّاسِ وَبَيِّنٰتٍ مِّنَ الْهُدٰى وَالْفُرْقَانِ ۚ فَمَنْ شَهِدَ مِنْكُمُ الشَّهْرَ فَلْيَصُمْهُ ؕ وَمَنْ كَانَ مَرِيْضًا اَوْ عَلٰى سَفَرٍ فَعِدَّةٌ مِّنْ اَيَّامٍ اُخَرَ ؕ يُرِيْدُ اللّٰهُ بِكُمُ الْيُسْرَ وَلَا يُرِيْدُ بِكُمُ الْعُسْرَ ؗ وَلِتُكْمِلُوا الْعِدَّةَ وَلِتُكَبِّرُوا اللّٰهَ عَلٰى مَا هَدٰىكُمْ وَلَعَلَّكُمْ تَشْكُرُوْنَ ﴿١٨٥﴾

(١٨٥) اهو رمضان جو مهينو اهو آهي جنهن ۾ قرآن مجيد نازل ڪيو ويو. ان ۾ ماڻهن لاءِ هدايت جي واٽ ڏيکاريل آهي. هدايت جا روشن دليل ڏنل آهن، حق ۽ باطل الڳ الڳ ڪري ڏيکاريل آهن، پوءِ اوهان مان جيڪو به هن مبارڪ مهيني ۾ حاضر هجي اهو روزا رکي، ڪو بيمار هجي يا سفر ۾ هجي ته پوءِ رمضان بعد ٻين ڏينهن ۾ باقي روزا رکي عدد پورو ڪري. الله تعاليٰ توهان جي واسطي آساني ٿو چاهي نه ڪه تڪليف (روزن قضا ڪرڻ جو حڪم انهيءَ لاءِ ڏنو ويو آهي ته) روزن جو عدد پورو ڪري پوري برڪت حاصل ڪيو، الله تعاليٰ جا توهان کي سنئين واٽ ڏيکاري آهي، تنهن تي سندس وڏائي ۽ شان بيان ڪيو ۽ پڻ (سندس نعمتون چڱيءَ طرح ڪم آڻي) ان جي شڪر گذاري ڪيو.

وَ اِذَا سَاَلَكَ عِبَادِیْ عَنِّیْ فَاِنِّیْ قَرِیْبٌ ؕ اُجِیْبُ دَعْوَةَ الدَّاعِ اِذَا دَعَانِ ۙ فَلْیَسْتَجِیْبُوْا لِیْ وَ لْیُؤْمِنُوْا بِیْ لَعَلَّهُمْ یَرْشُدُوْنَ ﴿۱۸۶﴾

(١٨٦) ۽ (اي پيغمبر) جڏهن منهنجو ڪو ٻانهو تو کان منهنجي بہ نسبت پڇي (تہ ڪهڙيءَ طرح مون وٽ پهچي سگهي ٿو) تہ تون ڪيس ٻڌاءِ تہ مان تہ ڪيس ويجهڙو آهيان، هو جڏهن مونکي سڏي ٿو تڏهن هن جو سڏ ٻڌان ٿو ۽ قبول ڪيان ٿو، پوءِ (جيڪڏهن هو سچ پچ منهنجي طلب رکن ٿا تہ) کين گهرجي تہ منهنجي سڏ جو جواب ڏين ۽ مون تي ايمان رکن انهيءَ لاءِ تہ سنئين واٽ تي هلي ڪاميابي حاصل ڪن.

اُحِلَّ لَكُمْ لَیْلَةَ الصِّیَامِ الرَّفَثُ اِلٰی نِسَآىِٕكُمْ ؕ هُنَّ لِبَاسٌ لَّكُمْ وَ اَنْتُمْ لِبَاسٌ لَّهُنَّ ؕ عَلِمَ اللّٰهُ اَنَّكُمْ كُنْتُمْ تَخْتَانُوْنَ اَنْفُسَكُمْ فَتَابَ عَلَیْكُمْ وَ عَفَا عَنْكُمْ ۚ فَالْـٰٔنَ بَاشِرُوْهُنَّ وَ ابْتَغُوْا مَا كَتَبَ اللّٰهُ لَكُمْ ۪ وَ كُلُوْا وَ اشْرَبُوْا حَتّٰی یَتَبَیَّنَ لَكُمُ الْخَیْطُ الْاَبْیَضُ مِنَ الْخَیْطِ الْاَسْوَدِ مِنَ الْفَجْرِ ۪ ثُمَّ اَتِمُّوا الصِّیَامَ اِلَی الَّیْلِ ۚ وَ لَا تُبَاشِرُوْهُنَّ وَ اَنْتُمْ عٰكِفُوْنَ ۙ فِی الْمَسٰجِدِ ؕ تِلْكَ حُدُوْدُ اللّٰهِ فَلَا تَقْرَبُوْهَا ؕ كَذٰلِكَ یُبَیِّنُ اللّٰهُ اٰیٰتِهٖ لِلنَّاسِ لَعَلَّهُمْ یَتَّقُوْنَ ﴿۱۸۷﴾

(١٨٧) توهان جي لاءِ حلال آهي تہ روزن جي ڏينهن ۾ رات جي وقت پلي پنهنجي عورتن سان همبستر ٿيو. هو اوهان جي لاءِ لباس آهن ۽ اوهان هنن جي لاءِ (يعني اوهان جي زندگي هڪ ٻئي سان ڳنڍيل آهي ۽ هڪ ٻئي لاءِ سينگار ۽ حفاظت آهيو) الله تعاليٰ کي معلوم آهي تہ توهان (رات جو زالن سان همبستر ٿيڻ کي ناجائز سمجهي بہ لڪ چپ ۾ اهو ڪم ڪري) پنهنجي ضمير سان خيانت ڪري رهيا آهيو، پوءِ الله تعاليٰ توهان جي توبهہ قبول ڪئي ۽ اوهان جي خطا معاف ڪئي، هاڻي بيشڪ پنهنجي زالن سان رات جي وقت همبستر ٿيو ۽ جيڪي الله تعاليٰ اوهان جي لاءِ جائز ٺهرايو آهي سو طلب ڪيو ۽ ماٺيو ۽ (رات جي وقت) بيشڪ ڪائو پيئو جيستائين صبح جي سفيد ڌار رات جي ڪاري ڌار کان نڪري نروار ٿئي (يعني پرہيات ٿي، تنهن کان اڳي ڪائڻ پيئڻ بند ڪيو) پوءِ (پره ڦٽيءَ کان وٺي) رات تائين يعني سج لهڻ تائين روزو پورو ڪيو. پر جيڪڏهن توهان مسجدن ۾ اعتڪاف ڪري رهيا آهيو تہ پوءِ (رات جو بہ) پنهنجي زالن سان همبستر نہ ٿيو. اهي الله جون ٺهرايل حدون آهن، تنهن ڪري (انهن حدن کان ٻاهر وڃڻ لاءِ حدن کي رڳو ويجهو بہ نہ وڃو. الله تعاليٰ اهڙيءَ طرح پنهنجون هدايتون چٽيون ڪري ٻڌائي ٿو، انهيءَ لاءِ تہ ماڻهو خدا جي نافرمانيءَ کان بچن.

وَ لَا تَاْكُلُوْۤا اَمْوَالَكُمْ بَیْنَكُمْ بِالْبَاطِلِ وَ تُدْلُوْا بِهَاۤ اِلَی الْحُكَّامِ لِتَاْكُلُوْا فَرِیْقًا مِّنْ اَمْوَالِ النَّاسِ بِالْاِثْمِ وَ اَنْتُمْ تَعْلَمُوْنَ ﴿۱۸۸﴾ ع ٢٣ ٦ ٧

(١٨٨) ۽ هڪ ٻئي جو مال ناجائز طريقن سان نہ کائو، نڪي مال ۽ دولت کي حاڪمن جي دلين تائين پهچڻ جو وسيلو بنايو (رشوت رسائي نہ ڏيو) انهيءَ لاءِ تہ ٻين جي مال مان ڪجهہ حصو ناحق طور ڪائي وڃو اگرچہ ڄاڻو بہ ٿا (تہ اهو وڏو ظلم آهي رشوت ڏيڻ ۽ پرائو حق ڪائڻ ڪبيرا گناه آهن).

## رڪوع 24

## حج ۽ عمري سان گڏ جهاد جو حڪم ۽ الله تعاليٰ جي راهہ ۾ پنهنجو مال خرچ ڪرڻ.

یَسْـَٔلُوْنَكَ عَنِ الْاَهِلَّةِ ؕ قُلْ هِیَ مَوَاقِیْتُ لِلنَّاسِ وَ الْحَجِّ ؕ وَ لَیْسَ الْبِرُّ بِاَنْ تَاْتُوا الْبُیُوْتَ مِنْ ظُهُوْرِهَا وَ لٰكِنَّ الْبِرَّ مَنِ اتَّقٰی ۚ

(١٨٩) اي پيغمبر! ماڻهو توکان پهرين تاريخ جي چنڊ بابت سوال ڪن ٿا، کين ٻڌاءِ تہ اهڙا چنڊ ماڻهن جي لاءِ وقت جو حساب آهن ۽ پڻ حج جي مهيني جي مقرري ان سان ٿئي ٿي ۽ (باقي ماڻهن جا وهم ۽ سنسا ۽

وَ اْتُوا الْبُيُوْتَ مِنْ اَبْوَابِهَا ۪ وَ اتَّقُوا اللّٰهَ لَعَلَّكُمْ تُفْلِحُوْنَ ﴿۱۸۹﴾

رسمون اجايون آهن) هي ڪا نيڪي جي ڳالھ ناهي تہ پنهنجي گهرن ۾ (دروازا ڇڏي) پٺئين پاسي کان داخل ٿجي (جيئن عرب ڪندا هئا) نيڪي تہ هن ۾ آهي تہ خدا جو خوف رکي گناهن کان پرهيز ڪجي. تنهن ڪري (وهم سنسا ڇڏي) پنهنجي گهرن ۾ دروازي کان گهڙو ۽ خدا کان ڊڄي گناهن کان پري ڀڄو تہ من ڪامياب ٿيو.

وَ قَاتِلُوْا فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ الَّذِيْنَ يُقَاتِلُوْنَكُمْ وَ لَا تَعْتَدُوْا ؕ اِنَّ اللّٰهَ لَا يُحِبُّ الْمُعْتَدِيْنَ ﴿۱۹۰﴾

(۱۹۰) ۽ جيڪي ماڻهو توهان سان اڳرائي ڪري لڙائي ڪن تن سان الله جي راھ ۾ بهادريءَ سان وڙهو، پر ڪنهن بہ طرح ضرورت جي حد کان ٻاهر نہ وڃجو. الله تعاليٰ انهن کي پسند نٿو ڪري جيڪي حدن کان ٻاهر ٿا وڃن (خود لڙائي جي حالت ۾ بہ دوکي بازي، بي رحمي، ٻڍڙن ٻارن ۽ زالن کي قتل ڪرڻ وغيره وغيره حرام آهن).

وَ اقْتُلُوْهُمْ حَيْثُ ثَقِفْتُمُوْهُمْ وَ اَخْرِجُوْهُمْ مِّنْ حَيْثُ اَخْرَجُوْكُمْ وَ الْفِتْنَةُ اَشَدُّ مِنَ الْقَتْلِ ۚ وَ لَا تُقٰتِلُوْهُمْ عِنْدَ الْمَسْجِدِ الْحَرَامِ حَتّٰى يُقٰتِلُوْكُمْ فِيْهِ ۚ فَاِنْ قٰتَلُوْكُمْ فَاقْتُلُوْهُمْ ؕ كَذٰلِكَ جَزَآءُ الْكٰفِرِيْنَ ﴿۱۹۱﴾

(۱۹۱) (مڪي وارن جنگ جو اعلان ڪيو آهي، توهان بہ جنگ جو اعلان ڪيو) ۽ جتي بہ ڪين ڏسو اتي ڪين قتل ڪيو ۽ جنهن جاءِ تان هنن اوهان کي تڙي ڪڍيو آهي اتان هنن کي بہ وڙهي ڪڍي ڇڏيو ۽ فتنو فساد خوريزيءَ کان بہ وڌيڪ خراب آهي. (ڪعبت الله ۾ وڙهڻ عربن ۾ اڳي بہ ناجائز هو) هو پاڻ توهان سان ڪعبت الله جي حدن ۾ نہ وڙهن تيستائين توهان بہ اتي هنن سان نہ وڙهو. پوءِ جيڪڏهن هو پاڻ لڙائي ڪن تہ پوءِ توهان بہ بيشڪ لڙائي ڪيو، حق جي منڪرن لاءِ سندن ظلم جو بدلو اهوئي هئڻ گهرجي.

فَاِنِ انْتَهَوْا فَاِنَّ اللّٰهَ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿۱۹۲﴾

(۱۹۲) پر جيڪڏهن هو وڙهڻ بند ڪن (تہ توهان بہ بند ڪيو، ڇو تہ) بيشڪ الله تعاليٰ بخشيندڙ ۽ رحم وارو آهي.

وَ قٰتِلُوْهُمْ حَتّٰى لَا تَكُوْنَ فِتْنَةٌ وَّ يَكُوْنَ الدِّيْنُ لِلّٰهِ ؕ فَاِنِ انْتَهَوْا فَلَا عُدْوَانَ اِلَّا عَلَى الظّٰلِمِيْنَ ﴿۱۹۳﴾

(۱۹۳) ۽ انهن ماڻهن سان ايستائين لڙائي ڪندا رهو جيستائين فتنو بند ٿي وڃي (۽ ظلم ۽ مذهبي دشمني قائم ختم رهي) ۽ دين فقط الله جي لاءِ هجي، پوءِ جيڪڏهن اهي ماڻهو لڙائيءَ کان باز اچن (تہ پوءِ توهان بہ باز اچو ڇو تہ) فقط ظالمن سان ئي مقابلو ڪرڻو آهي.

اَلشَّهْرُ الْحَرَامُ بِالشَّهْرِ الْحَرَامِ وَ الْحُرُمٰتُ قِصَاصٌ ؕ فَمَنِ اعْتَدٰى عَلَيْكُمْ فَاعْتَدُوْا عَلَيْهِ بِمِثْلِ مَا اعْتَدٰى عَلَيْكُمْ ۪ وَ اتَّقُوا اللّٰهَ وَ اعْلَمُوْٓا اَنَّ اللّٰهَ مَعَ الْمُتَّقِيْنَ ﴿۱۹۴﴾

(۱۹٤) جيڪڏهن ڪافر مقرر مهينن (مثلاً ذوالحج ۽ محرم) جي حرمت ڪري لڙائي نہ ڪن تہ توهان بہ نہ ڪيو، پر جيڪڏهن لڙائي ڪن تہ مجبوراً توهان کي بہ ڪرڻي آهي، ساڳيءَ طرح بين بين الاقوامي قانونن ۾ بہ جهڙي روش مخالف ڌر اختيار ڪري تهڙي توهان کي بہ ڪرڻي پوندي، پوءِ جيڪڏهن اوهان جي خلاف ڪو زيادتي ڪري تہ اوتري قدر توهان بہ انهيءَ معاملي ۾ ڪيو ۽ هر حال ۾ خدا کان ڊڄي پاڻ تي ضابطو رکو ۽ پڪ ڄاڻو تہ الله تعاليٰ انهن سان آهي، جي سڀ ڪنهن ڳالھ ۾ پرهيزگار آهن.

وَ اَنْفِقُوْا فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ وَ لَا تُلْقُوْا بِاَيْدِيْكُمْ

(۱۹۵) ۽ الله تعاليٰ جي راھ ۾ پنهنجو مال خرچ ڪيو. (ائين نہ ٿئي جو

اِلَى التَّهْلُكَةِ ۚ وَ اَحْسِنُوْا ۚ اِنَّ اللّٰهَ يُحِبُّ الْمُحْسِنِيْنَ ﴿١٩٥﴾

جهاد لاءِ پئسا وغيره نہ ڏيڻ سان) پنهنجي هٿن سان پاڻ کي پاڻ برباد ڪري ڇڏيو. (يعني دشمن غالب پوندو تہ اوهان جو مال ملڪيت بلڪ اوهان جون جانيون بہ ڇٽ ٿي ويندِيون) ۽ هميشہ چڱايون ڪندا رهو. بيشڪ الله تعاليٰ انهن سان حب ٿو رکي جيڪي چڱايون ٿا ڪن.

وَ اَتِمُّوا الْحَجَّ وَ الْعُمْرَةَ لِلّٰهِ ؕ فَاِنْ اُحْصِرْتُمْ فَمَا اسْتَيْسَرَ مِنَ الْهَدْيِ ۚ وَ لَا تَحْلِقُوْا رُءُوْسَكُمْ حَتّٰى يَبْلُغَ الْهَدْيُ مَحِلَّهٗ ؕ فَمَنْ كَانَ مِنْكُمْ مَّرِيْضًا اَوْ بِهٖۤ اَذًى مِّنْ رَّاْسِهٖ فَفِدْيَةٌ مِّنْ صِيَامٍ اَوْ صَدَقَةٍ اَوْ نُسُكٍ ۚ فَاِذَاۤ اَمِنْتُمْ ۟ فَمَنْ تَمَتَّعَ بِالْعُمْرَةِ اِلَى الْحَجِّ فَمَا اسْتَيْسَرَ مِنَ الْهَدْيِ ۚ فَمَنْ لَّمْ يَجِدْ فَصِيَامُ ثَلٰثَةِ اَيَّامٍ فِى الْحَجِّ وَ سَبْعَةٍ اِذَا رَجَعْتُمْ ؕ تِلْكَ عَشَرَةٌ كَامِلَةٌ ؕ ذٰلِكَ لِمَنْ لَّمْ يَكُنْ اَهْلُهٗ حَاضِرِى الْمَسْجِدِ الْحَرَامِ ؕ وَ اتَّقُوا اللّٰهَ وَ اعْلَمُوْۤا اَنَّ اللّٰهَ شَدِيْدُ الْعِقَابِ ﴿١٩٦﴾ ع

(١٩٦) جڏهن حج ۽ عمري جي نيت ڪيو تہ ان کي پورو ڪيو پر جيڪڏهن واٽ تي گهيرجي وڃو يعني (لڙائي يا ڪنهن ٻئي سبب کان روڪجي پئو) تہ پوءِ هڪڙو جانور قربان ڪيو، جهڙو ملي سگهي ۽ تيستائين وار نہ ڪٽايو (حج بعد احرام لاهڻ وقت وار ڪٽائبا آهن) جيستائين قرباني جو جانور پنهنجي جاءِ تي نہ پهچي. جيڪڏهن ڪو شخص بيمار هجي يا مٿي ۾ ڪو ايذاءُ هجيس تہ وارن ڪٽائڻ جي بدلي ۾ روزا رکي يا صدقو ڏئي يا جانور جي قرباني ڪري. پوءِ جڏهن امن امان جي حالت قائم ٿئي ۽ ڪو شخص چاهي تہ عمرو ۽ حج ملائي ٻنهي جو ثواب هڪ ئي سفر سان حاصل ڪري تہ انهيءَ لاءِ بہ جانور جي قرباني ڪرڻي آهي، جهڙو جانور ملي سگهي پر جيڪڏهن ڪو جانور هٿ ڪري نہ سگهي تہ پوءِ حج جي ڏينهن ۾ ٽي روزا رکي ۽ ست روزا گهر پهچڻ بعد. اهي پورا ڏهہ روزا ٿيا. (پر ياد رکو تہ) هي حڪم (عمري ۽ حج ملائڻ وارو) انهيءَ لاءِ آهي جنهن جو گهر ٻار مڪي ۾ نہ هجي ۽ ياد رکو تہ هر حال ۾ الله کان ڊڄي چڱا ڪم ڪيو ۽ يقين ڪيو تہ (نافرماني ڪرڻ وارن لاءِ) الله تعاليٰ جي سزا سخت آهي.

## رکوع 25

### حج جو بيان، دنيا ۽ آخرت جي چڱائيءَ جي طلب ڪريو.

اَلْحَجُّ اَشْهُرٌ مَّعْلُوْمٰتٌ ۚ فَمَنْ فَرَضَ فِيْهِنَّ الْحَجَّ فَلَا رَفَثَ وَ لَا فُسُوْقَ ۙ وَ لَا جِدَالَ فِى الْحَجِّ ؕ وَ مَا تَفْعَلُوْا مِنْ خَيْرٍ يَّعْلَمْهُ اللّٰهُ ؕؔ وَ تَزَوَّدُوْا فَاِنَّ خَيْرَ الزَّادِ التَّقْوٰى ۫ وَ اتَّقُوْنِ يٰۤاُولِى الْاَلْبَابِ ﴿١٩٧﴾

(١٩٧) حج جا مهينا سڀ ڪنهن کي معلوم آهن، پوءِ جنهن ماڻهو انهن مهينن ۾ حج ڪرڻ پاڻ تي لازم ڪيو تہ پوءِ (حج جي حالت ۾ اچي چڪو) نڪي عورتن ڏانهن رغبت ڪري نڪي ڪو گناه جو ڪم ڪري، نڪي جهيڙو جنگ ڪري ۽ ياد رکو تہ جيڪي بہ چڱايون توهان ڪيو ٿا سي الله تعاليٰ ڄاڻي ٿو ۽ توهان (حج لاءِ) سمر ڪٽيندا ڪريو، پر سڀ کان چڱو سمر آهي تقويٰ (يعني سمر ۽ گهربل سامان تہ ڪٽڻ گهرجي پر پرهيزگاري جهڙي ٻي ڳالهہ ئي ڪانهي) تنهن ڪري اي سمجهہ وارؤ! هر حال ۾ خدا کان ڊڄي گناهن کان پرهيزگاري ڪندا رهو.

لَيْسَ عَلَيْكُمْ جُنَاحٌ اَنْ تَبْتَغُوْا فَضْلًا مِّنْ رَّبِّكُمْ ؕ فَاِذَاۤ اَفَضْتُمْ مِّنْ عَرَفٰتٍ فَاذْكُرُوا

(١٩٨) جيڪڏهن توهان (حج جي موقعي تي) پنهنجي پالڻهار جي فضل (واپار، ڏنڌي دولت ڪمائڻ وغيره) جي تلاش بہ ڪريو تہ انهيءَ ۾ بہ توهان جي لاءِ ڪو گناه ڪونهي، پوءِ جڏهن عرفات جي ٽڪري ۽ ميدان کان

اللّٰهَ عِنْدَ الْمَشْعَرِ الْحَرَامِ ۪ وَاذْكُرُوْهُ كَمَا هَدٰىكُمْ ۚ وَاِنْ كُنْتُمْ مِّنْ قَبْلِهٖ لَمِنَ الضَّآلِّيْنَ ﴿١٩٨﴾

وڏي هجوم ۾ موٽو تڏهن پاڪ يادگار (يعني مزدلفه) ۾ ڪجهه وقت رهي الله جو ذڪر ڪيو ۽ اهڙيءَ طرح ذڪر ڪيو جهڙيءَ طرح توهان کي الله تعاليٰ هدايت ڪئي آهي، ياد رکو ته هن کان اڳ اوهان به انهن ماڻهن منجهان هئو جيڪي راهه ڀلجي ويا هئا.

ثُمَّ اَفِيْضُوْا مِنْ حَيْثُ اَفَاضَ النَّاسُ وَاسْتَغْفِرُوا اللّٰهَ ؕ اِنَّ اللّٰهَ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿١٩٩﴾

(١٩٩) پوءِ اوهان (مڪي جا ماڻهو) به انهيءَ جاءِ تي وڃي پوءِ موٽو جتان ٻيا ماڻهو انبوهه ڪري موٽن ٿا ۽ الله کان پنهنجي گناهن جي بخشش گهرو. بيشڪ الله تعاليٰ معاف ڪرڻ وارو ۽ رحم وارو آهي.

فَاِذَا قَضَيْتُمْ مَّنَاسِكَكُمْ فَاذْكُرُوا اللّٰهَ كَذِكْرِكُمْ اٰبَآءَكُمْ اَوْ اَشَدَّ ذِكْرًا ؕ فَمِنَ النَّاسِ مَنْ يَّقُوْلُ رَبَّنَآ اٰتِنَا فِى الدُّنْيَا وَمَا لَهٗ فِى الْاٰخِرَةِ مِنْ خَلَاقٍ ﴿٢٠٠﴾

(٢٠٠) پوءِ جڏهن حج جا سڀ ارڪان پورا ڪري رهو تڏهن الله تعاليٰ جو ذڪر ڪيو جهڙيءَ طرح اڳي پنهنجي ابن ڏاڏن جو شان بيان ڪندا هئو، بلڪ ان کان گهڻو وڌيڪ الله تعاليٰ جي پاڪائي ۽ صفتن جو بيان ڪيو (حج جي ارڪانن جو اصل مقصد اهوئي آهي) پوءِ ڪي ماڻهو اهڙا آهن جي چون ٿا ته اي اسان جا پروردگار! اسان کي دنيا ۾ ئي (چڱائي) ڏي. انهن کي آخرت جي چڱائي مان ڪو حصو نه ملندو.

وَمِنْهُمْ مَّنْ يَّقُوْلُ رَبَّنَآ اٰتِنَا فِى الدُّنْيَا حَسَنَةً وَّفِى الْاٰخِرَةِ حَسَنَةً وَّقِنَا عَذَابَ النَّارِ ﴿٢٠١﴾

(٢٠١) پر ڪي اهڙ به آهن جي چو ٿا ته اي اسان جا پروردگار! اسان کي دنيا ۾ به چڱائي ڏي ۽ آخرت ۾ به چڱائي ڏي ۽ دوزخ جي عذاب کان بچائي ونجاڻ.

اُولٰٓئِكَ لَهُمْ نَصِيْبٌ مِّمَّا كَسَبُوْا ؕ وَاللّٰهُ سَرِيْعُ الْحِسَابِ ﴿٢٠٢﴾

(٢٠٢) (يقين ڪيو ته) اهڙن ئي ماڻهن کي سندن چڱن عملن مطابق دنيا ۽ آخرت جي سعادت مان حصو ملندو ۽ الله تعاليٰ عملن جي حساب جانچڻ ۾ بلڪل تکو آهي (هر انسان کي هن جي عملن موافق جلد نتيجا ڏيڻ وارو آهي.

وَاذْكُرُوا اللّٰهَ فِىْٓ اَيَّامٍ مَّعْدُوْدٰتٍ ؕ فَمَنْ تَعَجَّلَ فِىْ يَوْمَيْنِ فَلَآ اِثْمَ عَلَيْهِ ۚ وَمَنْ تَاَخَّرَ فَلَآ اِثْمَ عَلَيْهِ ۙ لِمَنِ اتَّقٰى ؕ وَاتَّقُوا اللّٰهَ وَاعْلَمُوْٓا اَنَّكُمْ اِلَيْهِ تُحْشَرُوْنَ ﴿٢٠٣﴾

(٢٠٣) حج جي ڳڻتيل ڏينهن (ايام تشريق 10، 11، 12، 13 ذوالحج) ۾ الله جي ذڪر ۾ لڳا رهو پر جيڪڏهن ڪو (موٽڻ ۾ تڪڙ ڪري ۽) ٻن ڏينهن ۾ روانو ٿي وڃي ته مٿس گناه ڪونهي، جيڪڏهن ڪو وڌيڪ ڏينهن رهي ته به مٿس گناه ڪونهي اها (جلدي يا دير جي) اجازت انهيءَ ماڻهوءَ لاءِ آهي جو تقوي! وارو آهي. (اصل مقصد تقويٰ آهي) تنهن ڪري هر حال ۾ خدا جو خوف دل ۾ رکي پرهيزگاري ڪريو ۽ ياد رکو ته يقيناً اوهان کي (ڪنهن ڏينهن مرڻو) ۽ خدا جي حضور ۾ گڏ ٿيڻو آهي.

وَمِنَ النَّاسِ مَنْ يُّعْجِبُكَ قَوْلُهٗ فِى الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا وَيُشْهِدُ اللّٰهَ عَلٰى مَا فِىْ قَلْبِهٖ ۙ وَهُوَ اَلَدُّ الْخِصَامِ ﴿٢٠٤﴾

(٢٠٤) ڪي ماڻهو اهڙا آهن جن جي گفتگو دنيائي زندگي بابت اوهان کي ڏاڍي وڻي ٿي ۽ اهي ماڻهو پنهنجي دل جي پاڪائيءَ تي الله تعاليٰ کي شاهد ڪن ٿا (يعني خدا جو قسم ٿا کڻن) پر حقيقت ۾ هو دشمني ۾ تمام سخت آهن.

وَاِذَا تَوَلّٰى سَعٰى فِى الْاَرْضِ لِيُفْسِدَ فِيْهَا وَ

(٢٠٥) ۽ جڏهن هنن کي حڪومت ٿي ملي تڏهن ملڪ ۾ اهڙيون

يُهْلِكَ الْحَرْثَ وَالنَّسْلَ ۗ وَاللّٰهُ لَا يُحِبُّ الْفَسَادَ ﴿٢٠٥﴾

ڪوششون ڪن ٿا جن ان سان ملڪ ۾ فساد ۽ خربيون پيدا ڪن ۽ پوڪن ۽ ٻي پيدائش ڪي ۽ نسل ڪي برباد ڪري ڇڏين. پر الله تعاليٰ نٿو پسند ڪري تہ آبادي ۽ زندگي جي بدران ويراني ۽ تباهي ٿئي.

وَاِذَا قِيْلَ لَهُ اتَّقِ اللّٰهَ اَخَذَتْهُ الْعِزَّةُ بِالْاِثْمِ فَحَسْبُهٗ جَهَنَّمُ ۗ وَلَبِئْسَ الْمِهَادُ ﴿٢٠٦﴾

(٢٠٦) ۽ جڏهن اهڙن ماڻهن کي چيو وڃي ٿو تہ خدا کان ڊڄو (۽ ظلم ۽ فساد ڇڏي ڏيو) تڏهن هنن جو هٺ ۽ تڪبر هنن کي وڌيڪ گناهن ۽ ظلمن لاءِ آماده ڪري ٿو. (هو ڪڏهن بہ باز نہ ايندا هنن کي فقط جهنم ئي ڪافي ٿيندو. اهو هنڌ کهڙو نہ خراب آهي.

وَمِنَ النَّاسِ مَنْ يَّشْرِيْ نَفْسَهُ ابْتِغَآءَ مَرْضَاتِ اللّٰهِ ۗ وَاللّٰهُ رَءُوْفٌۢ بِالْعِبَادِ ﴿٢٠٧﴾

(٢٠٧) انهن جي ابتڙ ڪي ماڻهو وري اهڙا بہ آهن جي الله تعاليٰ جي راضپي جي طلب ۾ پنهنجون جانيون بہ قربان ڪرڻ لاءِ تيار آهن. الله تعاليٰ بيشڪ اهڙن ٻانهن تي ڏاڍو شفيق ۽ مهربان آهي.

يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوا ادْخُلُوْا فِي السِّلْمِ كَآفَّةً ۖ وَّلَا تَتَّبِعُوْا خُطُوٰتِ الشَّيْطٰنِ ۗ اِنَّهٗ لَكُمْ عَدُوٌّ مُّبِيْنٌ ﴿٢٠٨﴾

(٢٠٨) اي ايمان وارؤ! (اعتقاد ۽ عمل جي سيني ڳالهين ۾) پوريءَ طرح (نہ رڳو نالي طور) مسلمان (فرمانبردار) ٿيو ۽ خبردار متان شيطاني وسوسن جي پيروي ڪريو. شيطان تہ اوهان جو ظاهر ظهور دشمن آهي.

فَاِنْ زَلَلْتُمْ مِّنْۢ بَعْدِ مَا جَآءَتْكُمُ الْبَيِّنٰتُ فَاعْلَمُوْٓا اَنَّ اللّٰهَ عَزِيْزٌ حَكِيْمٌ ﴿٢٠٩﴾

(٢٠٩) اي مؤمنو! توهان وٽ هدايت جا چٽا دليل اچي چڪا آهن. پوءِ بہ جي توهان حق جي راهہ کان لڏي ويندؤ تہ ياد رکو (سزا جي قانون کان ڪونہ بچي سگهندؤ) الله تعاليٰ وڏي طاقت وارو سيني تي غالب ۽ وڏي حڪمت وارو آهي.

هَلْ يَنْظُرُوْنَ اِلَّآ اَنْ يَّاْتِيَهُمُ اللّٰهُ فِيْ ظُلَلٍ مِّنَ الْغَمَامِ وَالْمَلٰٓئِكَةُ وَقُضِيَ الْاَمْرُ ۗ وَاِلَى اللّٰهِ تُرْجَعُ الْاُمُوْرُ ﴿٢١٠﴾

(٢١٠) پوءِ هي (منڪر) ڇاجي لاءِ ترسيا ويٺا آهن؟ ڇا انهيءَ لاءِ تہ خود خدا ڪڪرن جي ڇٻوترن ۾ وٽن لهي اچي ۽ ملائڪ بہ (صفون ٻڌي سندس چوڌاري بيٺا هجن) ۽ اهڙيءَ طرح جيڪو فيصلو ٿيڻو هجي سو ٿي وڃي. (پر ائين نہ ڪڏهن ٿيو آهي نہ ٿي سگهي ٿو اهڙو انتظار نہ رکن. الله تعاليٰ پنهنجي ئي رٿن موجب ڪين سيڪت ڏيندو) سيني ڪمن جو سرشتو الله تعاليٰ جي هٿ ۾ آهي.

## رڪوع 26

**سڀ انسان هڪ امت آهن، خود پرستي ۽ تڪبر جي ڪري اختلاف پيدا ڪيائون.**

سَلْ بَنِيْٓ اِسْرَآءِيْلَ كَمْ اٰتَيْنٰهُمْ مِّنْ اٰيَةٍۢ بَيِّنَةٍ ۗ وَمَنْ يُّبَدِّلْ نِعْمَةَ اللّٰهِ مِنْۢ بَعْدِ مَا جَآءَتْهُ فَاِنَّ اللّٰهَ شَدِيْدُ الْعِقَابِ ﴿٢١١﴾

(٢١١) بني اسرائيلن کان پڇو تہ اسان هنن کي (سچائي جون ڪيتريون نہ) چٽيون نشانيون ڏنيون هيون ۽ جيڪڏهن ڪوئي (هنن وانگر) خدا جي ڏنل نعمت (صحيح هدايتن) کي مٽائي (باطل ۽ برائي جي واٽ) وٺي ٿو تہ پوءِ خدا جو جزا ۽ سزا وارو قانون بہ سزا ڏيڻ ۾ تمام سخت آهي.

زُيِّنَ لِلَّذِيْنَ كَفَرُوا الْحَيٰوةُ الدُّنْيَا وَ

(٢١٢) ڪافرن کي هن دنيا جي (عيش عشرت واري) زندگي تمام سهڻي

يَسْخَرُوْنَ مِنَ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا ۘ وَالَّذِيْنَ اتَّقَوْا فَوْقَهُمْ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ ؕ وَاللّٰهُ يَرْزُقُ مَنْ يَّشَآءُ بِغَيْرِ حِسَابٍ ﴿٢١٢﴾

۽ وٺندڙ ٿي لڳي. هو ايمان وارن جي (هاٺوڪي مسڪينائي جي حالت ڏسي) مسخري ٿا ڪن، پر اهي پرهيزگار مسڪين قيامت جي ڏينهن هنن (ڪافرن) جي ڀيٽ ۾ وڏي مرتبي وارا هوندا. (حق جا منڪر ايترو بہ نٿا ڄاڻن تہ اهي مسڪين خدا جي فضل سان سياڻي مالدار ٿي سگهن ٿا) الله تعاليٰ جنهن کي چاهي ٿو تنهن کي بي حساب گهڻو رزق ڏئي ٿو.

كَانَ النَّاسُ اُمَّةً وَّاحِدَةً ۫ فَبَعَثَ اللّٰهُ النَّبِيّٖنَ مُبَشِّرِيْنَ وَمُنْذِرِيْنَ ۪ وَاَنْزَلَ مَعَهُمُ الْكِتٰبَ بِالْحَقِّ لِيَحْكُمَ بَيْنَ النَّاسِ فِيْمَا اخْتَلَفُوْا فِيْهِ ؕ وَمَا اخْتَلَفَ فِيْهِ اِلَّا الَّذِيْنَ اُوْتُوْهُ مِنْۢ بَعْدِ مَا جَآءَتْهُمُ الْبَيِّنٰتُ بَغْيًاۢ بَيْنَهُمْ ۚ فَهَدَى اللّٰهُ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لِمَا اخْتَلَفُوْا فِيْهِ مِنَ الْحَقِّ بِاِذْنِهٖ ؕ وَاللّٰهُ يَهْدِيْ مَنْ يَّشَآءُ اِلٰى صِرَاطٍ مُّسْتَقِيْمٍ ﴿٢١٣﴾

(٢١٣) شروعات ۾ سڀ انسان هڪ ئي قوم هئا. (پر پوءِ پاڻ ۾ ضد ۽ اختلاف ڪري جدا جدا ٽوليون ٿاهيائون) تنهن ڪري الله تعاليٰ (هڪ ٻئي پٺيان) نبي موڪليا جيڪي ڪين (ايمان ۽ عمل جي برڪتن جي) خوشخبري ڏيندا هئا ۽ (انڪار ۽ بدعملن جي نتيجن کان) خبردار ڪندا هئا ۽ پڻ انهن سان گڏ هن حق جي واٽ ڏيکاريندڙ ڪتاب نازل ڪيا، انهيءَ لاءِ تہ جن ڳالهين ۾ هو اختلاف ڪرڻ لڳا هئا تن بہ نسبت فيصلو ڏئي (۽ سڀني کي حق جي راهہ تي اتحاد ۾ آڻي) ۽ انهن ماڻهن جو هڪ ٻئي کان اختلاف ڪيو، (ڪو) سو انهيءَ ڪري تہ نہ هو هدايت ۽ حقيقت کان بي خبر هئا. الله جي هدايت جا چٽا حڪم هنن جي اڳيان هئا، پر تڏهن بہ رڳو هڪ ٻئي سان ضد ۽ دشمني جي ڪري اختلاف ڪرڻ لڳا هئا. آخرڪار الله تعاليٰ (پنهنجي فضل واري حڪم سان) ايمان وارن کي (يعني حضرت جن جي امت کي) ها حق جي واٽ ڏيکاري جنهن بہ نسبت اڳين قومن ۾ اختلاف پئجي ويا هئا (۽ هڪ ٻئي کي ڪوڙو ۽ غلط سمجهندا هئا) بيشڪ الله تعاليٰ جنهن کي چاهي ٿو تنهن کي دين جي سڌي واٽ ڏيکاري ٿو.

اَمْ حَسِبْتُمْ اَنْ تَدْخُلُوا الْجَنَّةَ وَلَمَّا يَاْتِكُمْ مَّثَلُ الَّذِيْنَ خَلَوْا مِنْ قَبْلِكُمْ ؕ مَسَّتْهُمُ الْبَاْسَآءُ وَالضَّرَّآءُ وَزُلْزِلُوْا حَتّٰى يَقُوْلَ الرَّسُوْلُ وَالَّذِيْنَ اٰمَنُوْا مَعَهٗ مَتٰى نَصْرُ اللّٰهِ ؕ اَلَآ اِنَّ نَصْرَ اللّٰهِ قَرِيْبٌ ﴿٢١٤﴾

(٢١٤) (اي مسلمانو!) ڇا توهان ائين سمجهيو آهي تہ (رڳو زباني طرح ايمان جي دعويٰ ڪري) توهان جنت ۾ داخل ٿي ويندؤ! حالانڪ اڃا تہ توهان انهن آزمائش مان نہ لنگهيا آهيو جي اڳين ماڻهن کي پيش آيون ۽ وڏن مشڪلاتن ۽ هراسن ۾ هنن جون دليون دهلجي ويون. تان جو الله جي رسول ۽ ايمان وارن پڪاريو تہ اي الله سائين! تنهنجي مدد ڪڏهن پهچندي. (جواب آيو تہ) دل نہ لوڙهيو بيشڪ خدا جي مدد ويجهي آهي.

يَسْـَٔلُوْنَكَ مَاذَا يُنْفِقُوْنَ ؕ قُلْ مَآ اَنْفَقْتُمْ مِّنْ خَيْرٍ فَلِلْوَالِدَيْنِ وَالْاَقْرَبِيْنَ وَالْيَتٰمٰى وَالْمَسٰكِيْنِ وَابْنِ السَّبِيْلِ ؕ وَمَا تَفْعَلُوْا مِنْ خَيْرٍ فَاِنَّ اللّٰهَ بِهٖ عَلِيْمٌ ﴿٢١٥﴾

(٢١٥) (اي پيغمبر) توکان ماڻهو پڇن ٿا تہ ڪهڙي خيرات ڪن ۽ ڪهڙيءَ طرح ڪن. انهن کي چئو تہ، جيڪي توهان پنهنجي مال مان بچائي سگهو سو خدا جي راهہ ۾ خرچ ڪيو. ان لاءِ حقدار آهن ماءِ پيءُ، مٽ مائٽ، يتيم مسڪين ۽ مسافر ۽ ياد رکو تہ جيڪا بہ چڱائي توهان ڪيو ٿا سا الله تعاليٰ چڱيءَ طرح ڄاڻي ٿو (۽ ان جو اجر ڏئي ٿو).

كُتِبَ عَلَيْكُمُ الْقِتَالُ وَهُوَ كُرْهٌ لَّكُمْ ۚ وَ

(٢١٦) توهان کي لڙائيءَ جو حڪم ڏنو ويو آهي، اهو توهان کي نٿو وڻي، پر ممڪن آهي تہ جيڪا شيء توهان کي ناپسند آهي سا توهان جي

عَسٰۤى اَنْ تَكْرَهُوْا شَيْـًٔا وَّهُوَ خَيْرٌ لَّكُمْ ۚ وَ
عَسٰۤى اَنْ تُحِبُّوْا شَيْـًٔا وَّهُوَ شَرٌّ لَّكُمْ ؕ وَاللّٰهُ
يَعْلَمُ وَ اَنْتُمْ لَا تَعْلَمُوْنَ ﴿٢١٦﴾

لاءِ فائدي واري هجي ۽ جيڪا توهان پسند ٿا ڪيو سا توهان جي لاءِ نقصانڪار هجي. الله تعاليٰ ڄاڻي ٿو، پر توهان نٿا ڄاڻو.

## رڪوع 27

### جهاد، هجرت، شراب، جوا. شراب ۽ جوا ۾ انهن جي فائدن ڪان انهن جو نقصان وڌيڪ آهي.

يَسْـَٔلُوْنَكَ عَنِ الشَّهْرِ الْحَرَامِ قِتَالٍ فِيْهِ ؕ
قُلْ قِتَالٌ فِيْهِ كَبِيْرٌ ؕ وَصَدٌّ عَنْ سَبِيْلِ
اللّٰهِ وَ كُفْرٌۢ بِهٖ وَالْمَسْجِدِ الْحَرَامِ ۗ وَ اِخْرَاجُ
اَهْلِهٖ مِنْهُ اَكْبَرُ عِنْدَ اللّٰهِ ۚ وَالْفِتْنَةُ اَكْبَرُ
مِنَ الْقَتْلِ ؕ وَلَا يَزَالُوْنَ يُقَاتِلُوْنَكُمْ حَتّٰى
يَرُدُّوْكُمْ عَنْ دِيْنِكُمْ اِنِ اسْتَطَاعُوْا ؕ وَ
مَنْ يَّرْتَدِدْ مِنْكُمْ عَنْ دِيْنِهٖ فَيَمُتْ وَهُوَ
كَافِرٌ فَاُولٰٓئِكَ حَبِطَتْ اَعْمَالُهُمْ فِى
الدُّنْيَا وَالْاٰخِرَةِ ۚ وَ اُولٰٓئِكَ اَصْحٰبُ النَّارِ ۚ
هُمْ فِيْهَا خٰلِدُوْنَ ﴿٢١٧﴾

(٢١٧) اي پيغمبر! توڪان ماڻهو پڇن ٿا ته حرمت واري مهيني ۾ لڙائي ڪرڻ به نسبت حڪم ڪيئن آهي، هنن کي چئو ته، ان ۾ لڙائي ڪرڻ وڏي برائي آهي. پر انسانن کي الله جي راهه ڪان روڪڻ حق ڪان انڪار ڪرڻ، ڪعبت الله ۾ وڃڻ ڪان (ڪنهن فرد يا ٽولي کي) منع ڪرڻ ۽ پڻ مکي جي مسلمانن کي مکي مان تڙي ڪيڻ الله وٽ سيني گناهن ڪان وڏو گناهه آهي ۽ فتنو (يعني ظلم ۽ فساد خصوصاً مذهبي تعصب ڪان ڪيل ظلم) قتل ۽ خونريزيءَ ڪان به وڌيڪ خراب آهي ۽ (ياد رکو) ته هي ماڻهو توهان سان لڙائي ڪندا رهندا جيستائين (جيڪڏهن ٿي سگهي) توهان کي توهان جي دين ڪان ڦيرائي ڇڏين، پر توهان مان جيڪو شخص پنهنجي دين ڪان ڦري ويندو ۽ ڪفر جي حالت ۾ مري ويندو ته پوءِ ياد رکو ته هن جو شمار انهن ماڻهن ۾ ٿيندو جن جا عمل دنيا خواهه آخرت ۾ ضايع ٿي ويا. اهڙا ماڻهو دوزخي آهن ۽ هميشه دوزخ جي عذاب ۾ هوندا.

اِنَّ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَالَّذِيْنَ هَاجَرُوْا وَ جٰهَدُوْا
فِىْ سَبِيْلِ اللّٰهِ ۙ اُولٰٓئِكَ يَرْجُوْنَ رَحْمَتَ اللّٰهِ ؕ وَ
اللّٰهُ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿٢١٨﴾

(٢١٨) پر جن ماڻهن ايمان آندو (۽ ثابت قدم رهيا) ۽ پنهنجو پيارو وطن (دين خاطر) ڇڏيو ۽ الله جي راهه ۾ جهاد ڪيو. اهي بيشڪ الله جي رحمت ۾ (سچي) اميد رکن ٿا ۽ الله به اهڙن لاءِ بخشيندڙ ۽ رحم وارو آهي.

يَسْـَٔلُوْنَكَ عَنِ الْخَمْرِ وَالْمَيْسِرِ ؕ قُلْ فِيْهِمَآ
اِثْمٌ كَبِيْرٌ وَّمَنَافِعُ لِلنَّاسِ ۫ وَاِثْمُهُمَآ
اَكْبَرُ مِنْ نَّفْعِهِمَا ؕ وَيَسْـَٔلُوْنَكَ مَاذَا
يُنْفِقُوْنَ ؕ قُلِ الْعَفْوَ ؕ كَذٰلِكَ يُبَيِّنُ اللّٰهُ
لَكُمُ الْاٰيٰتِ لَعَلَّكُمْ تَتَفَكَّرُوْنَ ۙ ﴿٢١٩﴾

(٢١٩) (اي پيغمبر!) کي ماڻهو توڪان شراب ۽ جوا بابت سوال پڇن ٿا. هنن کي چئو ته انهن ٻنهي شين ۾ نقصان تمام وڏو آهي ۽ انسان لاءِ فائدا به آهن پر انهن جو نقصان انهن جي فائدن ڪان گهڻو وڏو آهي ۽ توڪان پڇن ٿا ته حق جي راهه ۾ ڇا خرچ ڪيون؟. انهن کي چئو ته جيڪي توهان جي ضرورتن ڪان وڌيڪ هجي سوخرچ ڪيو، ڏسو ته ڪيئن الله تعاليٰ پنهنجون نشانيون ۽ هدايتون چٽيون ڪري ٿو ٻڌائي. انهيءَ لاءِ ته دنيا ۽ آخرت جي مسئلن ۽ مصلحتن جي باري ۾ غور ۽ فڪر ڪيو.

فِى الدُّنْيَا وَالْاٰخِرَةِ ؕ وَيَسْـَٔلُوْنَكَ عَنِ الْيَتٰمٰى
ؕ قُلْ اِصْلَاحٌ لَّهُمْ خَيْرٌ ؕ وَاِنْ تُخَالِطُوْهُمْ
فَاِخْوَانُكُمْ ؕ وَاللّٰهُ يَعْلَمُ الْمُفْسِدَ مِنَ
الْمُصْلِحِ ؕ وَلَوْ شَآءَ اللّٰهُ لَاَعْنَتَكُمْ ؕ اِنَّ اللّٰهَ

(٢٢٠) ۽ ماڻهو توڪان يتيمن متعلق سوال ڪن ٿا. انهن کي چئو ته، جنهن ڳالهه ۾ هنن سڌارو ۽ فائدو هجي اها ئي بهتر آهي، ۽ جيڪڏهن توهان هنن سان گڏ رهو ۽ پنهنجي گهر ۾ شامل ڪري ڇڏيو ته بهرحال هو اوهان جا ڀائر آهن. الله تعاليٰ ڄاڻي ٿو ته ڪير سڌاري ڪرڻ وارو آهي ۽ ڪير بگاڙو ۽ خرابي ڪرڻ وارو آهي. (توهان جي نيت چڱي آهي ته يتيمن جي مال سنڀالڻ

عَزِيْزٌ حَكِيْمٌ ﴿٢٢٠﴾

کان نہ نٽائتو) جيڪڏهن الله تعاليٰ چاهي ها تہ (يتيمن جي نازڪ معاملي ۾) اوهان کي تڪليف ۾ وجهي ها (يعني سخت پابندين وارا حڪم ڏئي ها) بيشڪ الله تعاليٰ وڏي طاقت وارو ۽ وڏي حڪمت وارو آهي.

وَلَا تَنْكِحُوا الْمُشْرِكٰتِ حَتّٰى يُؤْمِنَّ ؕ وَلَاَمَةٌ مُّؤْمِنَةٌ خَيْرٌ مِّنْ مُّشْرِكَةٍ وَّلَوْ اَعْجَبَتْكُمْ ۚ وَلَا تُنْكِحُوا الْمُشْرِكِيْنَ حَتّٰى يُؤْمِنُوْا ؕ وَلَعَبْدٌ مُّؤْمِنٌ خَيْرٌ مِّنْ مُّشْرِكٍ وَّلَوْ اَعْجَبَكُمْ ؕ اُولٰٓئِكَ يَدْعُوْنَ اِلَى النَّارِ ۖۚ وَاللّٰهُ يَدْعُوْٓا اِلَى الْجَنَّةِ وَالْمَغْفِرَةِ بِاِذْنِهٖ ۚ وَيُبَيِّنُ اٰيٰتِهٖ لِلنَّاسِ لَعَلَّهُمْ يَتَذَكَّرُوْنَ ﴿٢٢١﴾

(٢٢١) مشرڪ عورتن سان جيستائين هو مسلمان نہ ٿين نڪاح نہ ڪيو. هڪ مشرڪ عورت اوهان کي ظاهري طرح ڪيترو بہ وڻي تہ بہ مؤمن عورت هن کان گهڻو بهتر آهي. ساڳئيءَ طرح مشرڪ مرد جيستائين ايمان نہ آڻي ڪيس مؤمن عورت نڪاح ۾ نہ ڏني وڃي. يقيناً خدا جو مؤمن ٻانهو هڪ مشرڪ مرد کان بهتر آهي، اگرچہ اهو مشرڪ ظاهر ۾ اوهان کي پسند اچي. اهي مشرڪ اوهان کي (پنهنجي دين کان ڦيرائڻ چاهين ٿا) ۽ دوزخ جي طرف سڏين ٿا ۽ الله تعاليٰ پنهنجي حڪم سان اوهان کي (حق جو دين سيکاري) جنت ۾ مغفرت جي طرف سڏي رهيو آهي. (اهڙيءَ طرح) الله تعاليٰ ماڻهن جي رهنمائيءَ لاءِ پنهنجون نشانيون ۽ هدايتون چٽيون ڪري ٿو ٻڌائي تہ خبردار ٿين ۽ نصيحت تي عمل ڪن.

## رڪوع 28

## زالن کي حيض اچڻ ۽ زال مڙس جا تعلقات ۽ حڪم

وَيَسْـَٔلُوْنَكَ عَنِ الْمَحِيْضِ ؕ قُلْ هُوَ اَذًى ۙ فَاعْتَزِلُوا النِّسَآءَ فِى الْمَحِيْضِ ۙ وَلَا تَقْرَبُوْهُنَّ حَتّٰى يَطْهُرْنَ ۚ فَاِذَا تَطَهَّرْنَ فَاْتُوْهُنَّ مِنْ حَيْثُ اَمَرَكُمُ اللّٰهُ ؕ اِنَّ اللّٰهَ يُحِبُّ التَّوَّابِيْنَ وَيُحِبُّ الْمُتَطَهِّرِيْنَ ﴿٢٢٢﴾

(٢٢٢) (اي پيغمبر!) ماڻهو توکان عورتن جي حيض (ماهانہ ڪپڙا اچڻ) بابت پڇن ٿا، انهن کي ٻڌاءِ تہ اهو ايذاءُ جو وقت آهي تنهن ڪري انهن ڏينهن ۾ عورتن سان همبستر نہ ٿيو ۽ انهن کان پري رهو جيستائين حيض جي حالت کان پاڪ ۽ صاف ٿين. پوءِ جڏهن صاف ۽ پاڪ ٿين تڏهن ڀل توهان هنن سان اهڙيءَ طرح ميل جول رکو جهڙيءَ طرح الله تعاليٰ حڪم ڪيو آهي (يعني الله تعاليٰ جي فطرتي قانونن موجب عمل ڪيو) بيشڪ الله تعاليٰ انهن کي حب ٿو ڪري جيڪي الله تعاليٰ جي حڪمن ڏي رجوع ٿا ٿين ۽ گناهن کان پناهہ ٿا گهرن ۽ انهن کي حب ٿو ڪري جيڪي (ظاهري توڙي باطني) صفائي ۽ پاڪائي رکندڙ آهن.

نِسَآؤُكُمْ حَرْثٌ لَّكُمْ ۠ فَاْتُوْا حَرْثَكُمْ اَنّٰى شِئْتُمْ ۠ وَقَدِّمُوْا لِاَنْفُسِكُمْ ؕ وَاتَّقُوا اللّٰهَ وَاعْلَمُوْٓا اَنَّكُمْ مُّلٰقُوْهُ ؕ وَبَشِّرِ الْمُؤْمِنِيْنَ ﴿٢٢٣﴾

(٢٢٣) اوهان جون عورتون اوهان جي لاءِ پوک وانگر آهن، پوءِ جيئن توهان چاهيو تيئن (فطرت جي تقاضا موجب) ٻنيءَ ۾ پوک پوکيو ۽ پنهنجي لاءِ ايندڙ وقت جو بندوبست بہ ڪري ڇڏيو (يعني جيڪو اولاد پيدا ٿيندو تنهن لاءِ سامان تيار رکو) ۽ هر حال ۾ خدا جو خوف رکي پرهيزگاري ڪيو ۽ ياد رکو تہ توهان کي (هڪ ڏينهن مرڻو آهي) ۽ الله جي حضور ۾ حاضر ٿيڻو آهي ۽ سچو ايمان رکندڙن کي (دائمي سعادت جي) خوشخبري ڏي.

وَلَا تَجْعَلُوا اللّٰهَ عُرْضَةً لِّاَيْمَانِكُمْ اَنْ

(٢٢٤) ائين نہ ڪيو جو ڪنهن سان چڱائي ڪرڻ يا ڪو پرهيزگاريءَ جو ڪم ڪرڻ يا ماڻهن جي وچ ۾ صلح ڪرڻ جي خلاف قسم کڻي پوءِ الله

تَبَرُّوْا وَ تَتَّقُوْا وَ تُصْلِحُوْا بَيْنَ النَّاسِ ۭ وَاللّٰهُ سَمِيْعٌ عَلِيْمٌ ﴿۲۲۴﴾

جي نالي کي نيڪيءَ جي ڪم کي ڇڏي ڏيڻ لاءِ بهانو بنايو. (يعني پهريائين ته چڱي ڪم جي خلاف قسم کڻو ۽ پوءِ عذر ڏيو ته مان خدا جو قسم کنيو آهي تنهن ڪري هي ڪم ڪونه ڪندس) ياد رکو ته الله تعاليٰ سڀ ڪجهه ٻڌندڙ ۽ ڄاڻندڙ آهي.

لَا يُؤَاخِذُكُمُ اللّٰهُ بِاللَّغْوِ فِيْٓ اَيْمَانِكُمْ وَ لٰكِنْ يُّؤَاخِذُكُمْ بِمَا كَسَبَتْ قُلُوْبُكُمْ ۭ وَ اللّٰهُ غَفُوْرٌ حَلِيْمٌ ﴿۲۲۵﴾

(۲۲۵) توهان جي قسمن مان جيڪي خسيس ۽ بي معنيٰ آهن انهن بہ نسبت الله تعاليٰ توهان تي سختي ڪانہ ڪندو، پر انهن قسمن لاءِ سزا ڏيندو جي سمجهي سوچي دل ۽ دماغ سان برائي لاءِ ڪنيا ويا آهن (يا جائز ڪمن لاءِ قسم کڻي پوءِ انهن جي خلاف عمل ڪيو آهي) الله تعاليٰ هر حال ۾ بخشيندڙ ۽ تحمل وارو آهي.

لِلَّذِيْنَ يُؤْلُوْنَ مِنْ نِّسَآئِهِمْ تَرَبُّصُ اَرْبَعَةِ اَشْهُرٍ ۚ فَاِنْ فَآءُوْ فَاِنَّ اللّٰهَ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿۲۲۶﴾

(۲۲٦) جيڪي ماڻهو پنهنجي زالن ڏي وڃڻ کان قسم کڻي ٿا ويهن تن لاءِ چئن مهينن جي مهلت آهي. پوءِ جيڪڏهن انهيءَ مدت جي اندر پنهنجيءَ زال ڏي وڃن ته بيشڪ الله تعاليٰ بخشيندڙ ۽ رحم وارو آهي. (اها طلاق نہ چئبي).

وَاِنْ عَزَمُوا الطَّلَاقَ فَاِنَّ اللّٰهَ سَمِيْعٌ عَلِيْمٌ ﴿۲۲۷﴾

(۲۲۷) پر جيڪڏهن (ائين نہ ٿي سگهي) اهي مرد طلاق جو پڪو ارادو ڪن (تہ پوءِ طلاق ٿي چڪي) پر ياد رکو تہ الله تعاليٰ سڀ ڪجهه ٻڌندڙ ۽ ڄاڻندڙ آهي (يعني الله تعاليٰ طلاق کي پسند نٿو ڪري).

وَالْمُطَلَّقٰتُ يَتَرَبَّصْنَ بِاَنْفُسِهِنَّ ثَلٰثَةَ قُرُوْٓءٍ ۭ وَلَا يَحِلُّ لَهُنَّ اَنْ يَّكْتُمْنَ مَا خَلَقَ اللّٰهُ فِيْٓ اَرْحَامِهِنَّ اِنْ كُنَّ يُؤْمِنَّ بِاللّٰهِ وَ الْيَوْمِ الْاٰخِرِ ۭ وَ بُعُوْلَتُهُنَّ اَحَقُّ بِرَدِّهِنَّ فِيْ ذٰلِكَ اِنْ اَرَادُوْٓا اِصْلَاحًا ۭ وَ لَهُنَّ مِثْلُ الَّذِيْ عَلَيْهِنَّ بِالْمَعْرُوْفِ ۠ وَلِلرِّجَالِ عَلَيْهِنَّ دَرَجَةٌ ۭ وَاللّٰهُ عَزِيْزٌ حَكِيْمٌ ﴿۲۲۸﴾ ع

(۲۲۸) جن عورتن کي سندن مڙسن طلاق ڏني هجي انهن کي ٽن ماهانہ حيضن تائين پاڻ کي (ٻئي نڪاح ڪرڻ کان) روڪڻ گهرجي (يعني ٽن مهينن اندر عورت ٻيو نڪاح ڪري نٿي سگهي.) ۽ جيڪڏهن اهي عورتون الله ۽ آخرت جي ڏينهن تي ايمان رکن ٿيون تہ هنن لاءِ جائز ناهي تہ جا شيءِ الله تعاليٰ هنن جي پيٽ ۾ خلقي آهي سا لڪائي ڇڏين (جو تہ جيڪڏهن ٻار پيٽ ۾ آهي تہ پوءِ عدت تيستائين هلندي جيستائين ٻار ڄمي ممڪن آهي تہ ٻار ئي زال مڙس جي نهڻ جو سبب بڻجي وڃي) ۽ انهن جي مڙسن کي حق آهي تہ جيڪڏهن انهي عدت جي اندر صلح ۽ ٺاهہ لاءِ تيار ٿي وڃن تہ پوءِ طلاق ڏنل زال کي پنهنجي زال ڪري ڏسن. عورتن کي بہ مردن تي اهڙائي حق آهن جهڙا مردن کي عورتن تي تہ هڪ ٻئي سان چڱي هلت هلن. البت مردن کي عورتن تي هڪڙو درجو وڌيڪ ڏنو ويو آهي. (ڇو تہ عورت نازڪ ۽ ضعيف آهي. مرد ڪيس سنڀالي ۽ حفاظت ڪري ٿو) الله تعاليٰ وڏي شان وارو ۽ حڪمت وارو آهي.

## رکوع 29

## طلاق جا مسئلا

اَلطَّلَاقُ مَرَّتٰنِ ۠ فَاِمْسَاكٌۢ بِمَعْرُوْفٍ اَوْ تَسْرِيْحٌۢ بِاِحْسَانٍ ۭ وَلَا يَحِلُّ لَكُمْ اَنْ

(۲۲۹) طلاق (جنهن کان پوءِ وري رجوع ڪري سگهجي ٿو) ٻہ ڀيرا ٿي سگهي ٿي. پوءِ مرد يا تہ انصاف ۽ چڱيءَ سلوڪ سان زال کي پاڻ وٽ زال ڪري

تَاْخُذُوْا مِمَّآ اٰتَيْتُمُوْهُنَّ شَيْـًٔا اِلَّآ اَنْ يَّخَافَآ اَلَّا يُقِيْمَا حُدُوْدَ اللّٰهِ ۭ فَاِنْ خِفْتُمْ اَلَّا يُقِيْمَا حُدُوْدَ اللّٰهِ ۙ فَلَا جُنَاحَ عَلَيْهِمَا فِيْمَا افْتَدَتْ بِهٖ ۭ تِلْكَ حُدُوْدُ اللّٰهِ فَلَا تَعْتَدُوْھَا ۚ وَمَنْ يَّتَعَدَّ حُدُوْدَ اللّٰهِ فَاُولٰۗىِٕكَ ھُمُ الظّٰلِمُوْنَ ۝٢٢٩

رکي يا تہ (ٽيون پيرو طلاق ڏيئي) سهڻي سلوڪ سان هن کان جدا ٿئي ۽ توهان جي لاءِ جائز ناهي تہ جيڪي توهان پنهنجي زالن کي (مهر ۽ ٻيون سوکڙيون، زيور، ڪپڙا وغيره) ڏيئي ڇڏيو آهي تنهن مان ڪجهہ طلاق ڏيڻ وقت موٽائي وٺو. پر جيڪڏهن ٻنهي کي انديشو ٿئي تہ الله جا ٺهرايل حق ۽ واجب ادا ٿي نہ سگهندا (تہ پوءِ هڪ ٻئي سان انهن ڏنل شين بابت راضي نامون ڪري سگهن ٿا.) پوءِ توهان کي سچ پچ اهڙو انديشو هجي تہ الله جا ٺهرايل حق ۽ واجب ادا ٿي نہ سگهندا تہ پوءِ ٻنهي تي ڪو گناه ناهي، جيڪڏهن زال (پاڻ کي آزاد ڪرائڻ لاءِ) عيوضي ۾ ڪجهہ ڇڏي ڏئي. (۽ مڙس اهو وٺي جدا ٿيڻ تي راضي ٿي وڃي) ۽ ياد رکو تہ اهي الله جون مقرر ڪيل حدون آهن پوءِ متان انهن کان ٻاهر قدم ڪڍو. جيڪو بہ الله تعاليٰ جي ٺهرايل حدن کان ٻاهر ويندو تہ پوءِ اهڙا ئي ماڻهو آهن جي ظلم ڪندڙ آهن.

فَاِنْ طَلَّقَھَا فَلَا تَحِلُّ لَهٗ مِنْۢ بَعْدُ حَتّٰي تَنْكِحَ زَوْجًا غَيْرَهٗ ۭ فَاِنْ طَلَّقَھَا فَلَا جُنَاحَ عَلَيْهِمَآ اَنْ يَّتَرَاجَعَآ اِنْ ظَنَّآ اَنْ يُّقِيْمَا حُدُوْدَ اللّٰهِ ۭ وَتِلْكَ حُدُوْدُ اللّٰهِ يُبَيِّنُھَا لِقَوْمٍ يَّعْلَمُوْنَ ۝٢٣٠

(٢٣٠) پوءِ جيڪڏهن ڪنهن شخص ٽئين طلاق بہ ڏني تہ پوءِ ان کي اها زال جائز ناهي جيستائين ڪنهن ٻئي مرد سان نڪاح نہ ڪري پوءِ جيڪڏهن ٻيو مڙس بہ (پنهنجي خوشيءَ سان) ڪيس طلاق ڏيئي ڇڏي (۽ اڳيون مڙس ۽ زال پاڻ ۾ راضي ٿي وڃن) تہ پوءِ هڪ ٻئي ڏانهن رجوع ٿي سگهن ٿا. ان ۾ انهن لاءِ ڪو گناه ڪونهي بشرطيڪ ٻنهي کي اميد هجي تہ الله تعاليٰ جي ٺهرايل حدن تي قائم رهي سگهندا، اهي الله جون ٺهرايل حدون آهن جن کي الله انهن ماڻهن لاءِ چٽيون ڪري ٿو، جيڪي (زندگيءَ جون مصلحتون) ڄاڻن ٿا.

وَاِذَا طَلَّقْتُمُ النِّسَاۗءَ فَبَلَغْنَ اَجَلَهُنَّ فَاَمْسِكُوْھُنَّ بِمَعْرُوْفٍ اَوْ سَرِّحُوْھُنَّ بِمَعْرُوْفٍ ۠ وَلَا تُمْسِكُوْھُنَّ ضِرَارًا لِّتَعْتَدُوْا ۚ وَمَنْ يَّفْعَلْ ذٰلِكَ فَقَدْ ظَلَمَ نَفْسَهٗ ۭ وَلَا تَتَّخِذُوْٓا اٰيٰتِ اللّٰهِ ھُزُوًا ۡ وَّ اذْكُرُوْا نِعْمَتَ اللّٰهِ عَلَيْكُمْ وَمَآ اَنْزَلَ عَلَيْكُمْ مِّنَ الْكِتٰبِ وَالْحِكْمَةِ يَعِظُكُمْ بِهٖ ۭ وَاتَّقُوا اللّٰهَ وَاعْلَمُوْٓا اَنَّ اللّٰهَ بِكُلِّ شَيْءٍ عَلِيْمٌ ۝٢٣١

(٢٣١) جڏهن توهان پنهنجي زال کي طلاق ڏيو تڏهن يا تہ عدت جي اندر هنن کي چڱي طريقي سان پاڻ وٽ زال ڪري رهايو يا تہ (آخري طلاق بعد) چڱي طريقي سان هن کي اماڻي ڇڏيو. ائين نہ ٿئي جو هنن کي نقصان پهچائڻ لاءِ روڪي رکو ۽ مٿس ظلم ڪيو. (نڪي زال ڪري وهاريو، نڪي وڃڻ ڏيوس جيئن اڳي بت پرست عرب ڪندا هئا) جيڪو ائين ڪندو سو پنهنجو ئي نقصان ڪندو. ائين نہ ڪيو جو الله جي حڪمن کي کيل تماشو بنائي ڇڏيو (اڄ نڪاح ڪيو سڀاڻي طلاق ڏني) پاڻ تي الله جون نعمتون ياد ڪيو. الله تعاليٰ ڪتاب ۽ حڪمت مان جو ڪجهہ نازل ڪيو آهي ۽ جنهن سان اوهان کي چڱيون نصيحتون ڏئي ٿو (سي ڪڏهن نہ وسارجو) ۽ الله کان ڊڄو ۽ پڪ ڄاڻو تہ بيشڪ الله تعاليٰ کي هر چيز جو علم آهي.

## رکوع 30

## طلاق جا مسئلا ۽ بيواهہ زال جا حق

وَاِذَا طَلَّقْتُمُ النِّسَاۗءَ فَبَلَغْنَ اَجَلَهُنَّ فَلَا تَعْضُلُوْھُنَّ اَنْ يَّنْكِحْنَ اَزْوَاجَهُنَّ اِذَا

(٢٣٢) ۽ جڏهن اوهان عورتن کي طلاق ڏيئي ڇڏي آهي ۽ هنن پنهنجي عدت پوري ڪئي آهي تہ پوءِ جيڪڏهن اهي مناسب طريقي سان ڪنهن

تَرَاضَوْا بَيْنَهُمْ بِالْمَعْرُوْفِ ؕ ذٰلِكَ يُوْعَظُ بِهٖ مَنْ كَانَ مِنْكُمْ يُؤْمِنُ بِاللّٰهِ وَالْيَوْمِ الْاٰخِرِ ؕ ذٰلِكُمْ اَزْكٰى لَكُمْ وَاَطْهَرُ ؕ وَاللّٰهُ يَعْلَمُ وَاَنْتُمْ لَا تَعْلَمُوْنَ ﴿۲۳۲﴾

سان نڪاح ڪرڻ چاهين، جڏهن ته ٻئي ڌريون پاڻ ۾ راضي آهن، (ته اهڙيءَ صورت ۾) توهان هنن کي هرگز نه روڪيو. توهان منجهان جيڪو به الله ۽ آخرت ۾ ايمان رکي ٿو، تنهن کي هن حڪم جي وسيلي نصيحت ڪئي وڃي ٿي. انهيءَ ۾ توهان جي لاءِ وڏيڪ برڪت ۽ پاڪائي آهي. الله تعاليٰ ڄاڻي ٿو پر توهان نٿا ڄاڻو.

وَالْوَالِدٰتُ يُرْضِعْنَ اَوْلَادَهُنَّ حَوْلَيْنِ كَامِلَيْنِ لِمَنْ اَرَادَ اَنْ يُّتِمَّ الرَّضَاعَةَ ؕ وَعَلَى الْمَوْلُوْدِ لَهٗ رِزْقُهُنَّ وَكِسْوَتُهُنَّ بِالْمَعْرُوْفِ ؕ لَا تُكَلَّفُ نَفْسٌ اِلَّا وُسْعَهَا ۚ لَا تُضَآرَّ وَالِدَةٌۢ بِوَلَدِهَا وَلَا مَوْلُوْدٌ لَّهٗ بِوَلَدِهٖ ۗ وَعَلَى الْوَارِثِ مِثْلُ ذٰلِكَ ۚ فَاِنْ اَرَادَا فِصَالًا عَنْ تَرَاضٍ مِّنْهُمَا وَتَشَاوُرٍ فَلَا جُنَاحَ عَلَيْهِمَا ؕ وَاِنْ اَرَدْتُّمْ اَنْ تَسْتَرْضِعُوْٓا اَوْلَادَكُمْ فَلَا جُنَاحَ عَلَيْكُمْ اِذَا سَلَّمْتُمْ مَّآ اٰتَيْتُمْ بِالْمَعْرُوْفِ ؕ وَاتَّقُوا اللّٰهَ وَاعْلَمُوْٓا اَنَّ اللّٰهَ بِمَا تَعْمَلُوْنَ بَصِيْرٌ ﴿۲۳۳﴾

(٢٣٣) ۽ (جيڪڏهن طلاق ڏنل عورت کي ٻار ڄاول هجي) ته ٻار کي پورا ٻه سال ٿڃ پياري، ٻار جي انهيءَ پيءُ تي لازم آهي ته انهيءَ عرصي لاءِ ٻار جي ماءُ کي کاڌو پيتو، لٽو ڪپڙو مناسب طرح ڏئي. ڪنهن به شخص کي سندس وسعت کان وڌيڪ تڪليف ڏيڻي ناهي، نه ماءُ کي سندس ٻچي سببان ڪو نقصان پهچايو وڃي، نه پيءُ کي انهي ٻچي سببان. (پر جيڪڏهن والد فوت ٿي وڃي ته) سندس وارث انهيءَ عورت (جي کاڌي پيتي ۽ لٽي ڪپڙي وغيره) جو اهڙيءَ طرح انتظام رکي جهڙيءَ طرح پيءُ کي مناسب آهي، پر جيڪڏهن ٻئي (پيءُ ۽ ماءُ) پاڻ ۾ راضي ٿي صلاح مصلحت سان ٿڃ (مدت کان اڳي) ڇڏائين ته پوءِ مٿن گناه ڪونهي ۽ جيڪڏهن اوهان چاهيو ته پنهنجي ٻچن لاءِ (ڪنهن ٻي عورت جي) ٿڃ جو انتظام ڪيو ته ان ۾ به اوهان تي ڪو گناه ڪونهي، بشرطيڪ جيڪي ماءُ کي ڏيڻو ڪيو هو سو دستور موجب انصاف سان ان جي حوالي ڪيو. (وڏي ڳالهه هيءَ آهي ته هر حال ۾) الله تعاليٰ جو خوف رکو ۽ يقين ڪيو ته جيڪي به توهان ڪيو ٿا سو بلاشبہ الله تعاليٰ چڱيءَ طرح ڏسي ٿو پيو.

وَالَّذِيْنَ يُتَوَفَّوْنَ مِنْكُمْ وَيَذَرُوْنَ اَزْوَاجًا يَّتَرَبَّصْنَ بِاَنْفُسِهِنَّ اَرْبَعَةَ اَشْهُرٍ وَّعَشْرًا ۚ فَاِذَا بَلَغْنَ اَجَلَهُنَّ فَلَا جُنَاحَ عَلَيْكُمْ فِيْمَا فَعَلْنَ فِيْٓ اَنْفُسِهِنَّ بِالْمَعْرُوْفِ ؕ وَاللّٰهُ بِمَا تَعْمَلُوْنَ خَبِيْرٌ ﴿۲۳۴﴾

(٢٣٤) ۽ توهان مان کي ماڻهو فوت ٿي وڃن ۽ بيوهه زالون ڇڏي وڃن ته انهن بيوهه زالن کي گهرجي ته چار مهينا ۽ ڏهه ڏينهن (وفات جي عدت تائين) پاڻ کي (ٻئي نڪاح کان) روڪي رکن. پوءِ جڏهن اها عدت پوري ڪن تڏهن جيڪي جائز طريقي سان پنهنجي لاءِ ڪن (يعني ٻئي نڪاح جي تياري ڪن) ته ان لاءِ توهان تي ڪو ڏوهه ڪونهي. (يعني انهن کي نڪي ٻئي نڪاح کان منع ڪيو، نڪي وڌيڪ سوڳ ڪرڻ تي مجبور ڪيو) ۽ جيڪي توهان ڪيو ٿا الله تعاليٰ ان جي خبر رکندڙ آهي.

وَلَا جُنَاحَ عَلَيْكُمْ فِيْمَا عَرَّضْتُمْ بِهٖ مِنْ خِطْبَةِ النِّسَآءِ اَوْ اَكْنَنْتُمْ فِيْٓ اَنْفُسِكُمْ ؕ عَلِمَ اللّٰهُ اَنَّكُمْ سَتَذْكُرُوْنَهُنَّ وَلٰكِنْ لَّا تُوَاعِدُوْهُنَّ سِرًّا اِلَّآ اَنْ تَقُوْلُوْا قَوْلًا مَّعْرُوْفًا ۬ؕ وَلَا تَعْزِمُوْا عُقْدَةَ النِّكَاحِ حَتّٰى

(٢٣٥) ۽ جن بيوهه عورتن سان نڪاح ڪرڻ چاهيو تن کي جيڪڏهن اشاري طور پنهنجو ارادو ٻڌايو يا پنهنجي دل ۾ نڪاح جو ارادو لڪائي رکو ته ان ۾ اوهان جي لاءِ گناهه ڪونهي. الله تعاليٰ ڄاڻي ٿو ته ان جو خيال توهان جي دل ۾ ايندو، پر ائين نه ٿئي جو لڪي ڇپي انهن کي (نڪاح جو) وعدو ڏيئي ڇڏيو. پر دستور موجب مناسب ڳالهه ٻولهه ڪري سگهجي ٿي ۽ جيستائين عدت جي مقرر مدت پوري نه ٿئي

يَبْلُغَ الْكِتٰبُ اَجَلَهٗ ؕ وَاعْلَمُوْٓا اَنَّ اللّٰهَ يَعْلَمُ مَا فِيْٓ اَنْفُسِكُمْ فَاحْذَرُوْهُ ۚ وَاعْلَمُوْٓا اَنَّ اللّٰهَ غَفُوْرٌ حَلِيْمٌ ﴿۲۳۵﴾ ع

تيستائين نڪاح جي ڳنڍ ٻڌڻ جو پڪو ارادو نہ ڪيو (ڇو تہ عدت جي اندر نڪاح جي تياري بہ جائز ناهي) ۽ يقين ڪيو تہ جو ڪجھ اوهان جي دلين ۾ آهي سو اللّٰه تعاليٰ ڄاڻي ٿو. تنهن ڪري سندس خوف رکو ۽ ڄاڻو تہ بيشڪ اللّٰه تعاليٰ بخشڻ وارو ۽ تحمل وارو آهي.

## رڪوع 31

### مهر يا ڪابينو ڏيڻ ۽ فوت ٿيل مڙس جي زال کي هڪ سال گھر ۾ رهائڻ

لَا جُنَاحَ عَلَيْكُمْ اِنْ طَلَّقْتُمُ النِّسَآءَ مَا لَمْ تَمَسُّوْهُنَّ اَوْ تَفْرِضُوْا لَهُنَّ فَرِيْضَةً ۖ وَّمَتِّعُوْهُنَّ ۚ عَلَى الْمُوْسِعِ قَدَرُهٗ وَعَلَى الْمُقْتِرِ قَدَرُهٗ ۚ مَتَاعًا بِالْمَعْرُوْفِ ۚ حَقًّا عَلَى الْمُحْسِنِيْنَ ﴿۲۳۶﴾

(٢٣٦) ۽ جيڪڏهن (اهڙي حالت پيش اچي جو) توهان عورت کي اڃا هٿ بہ نہ لاتو هجي نڪي اڃا مهر مقرر ڪيو هجي ۽ طلاق ڏيئي ڇڏيو تہ توهان تي ڪو گناہ ڪونهي، پر ان حالت ۾ (جو مائٽي جون ڳالهيون پڪيون ڪري وري ٽوڙڻ سان عورت کي صدمو يا نقصان پهچي ٿو، تنهنجي عيوض ۾ ضروري آهي تہ) عورت کي ڪجھ ڏيو (ايترو ڏيو جيترو حالتن موجب مناسب هجي) شاهوڪار پنهنجي وسعت آهر ڏئي ۽ مسڪين پنهنجي وسعت آهر ڏئي، نيڪ عمل انسانن تي حق آهي تہ ائين ڪن.

وَاِنْ طَلَّقْتُمُوْهُنَّ مِنْ قَبْلِ اَنْ تَمَسُّوْهُنَّ وَقَدْ فَرَضْتُمْ لَهُنَّ فَرِيْضَةً فَنِصْفُ مَا فَرَضْتُمْ اِلَّآ اَنْ يَّعْفُوْنَ اَوْ يَعْفُوَا الَّذِيْ بِيَدِهٖ عُقْدَةُ النِّكَاحِ ؕ وَاَنْ تَعْفُوْٓا اَقْرَبُ لِلتَّقْوٰى ؕ وَلَا تَنْسَوُا الْفَضْلَ بَيْنَكُمْ ؕ اِنَّ اللّٰهَ بِمَا تَعْمَلُوْنَ بَصِيْرٌ ﴿۲۳۷﴾

(٢٣٧) پر جيڪڏهن عورت کي هٿ لڳائڻ کان اڳي طلاق ڏيو ۽ مهر مقرر ڪيو هجيو تہ انهيءَ حالت ۾ مقرر ڪيل مهر جو اڌ عورت کي ڏيڻ گهرجي، پر ائين ٿي سگهي ٿو تہ عورتون پنهنجي خوشيءَ سان معاف ڪري ڇڏين يا مرد جنهن جي هٿ ۾ نڪاح جو رشتو آهي سو پاڻ اڌ رقم باز رکڻ جي بدران سڄو مهر زال کي ڏئي، توهان مرد جيڪڏهن ائين ڪندؤ (يعني اهڙي حالتن ۾ بہ سڄو مهر پوري ڏيندؤ) تہ اها پرهيزگاري ۽ نيڪ عملي جي ڳالھ آهي، پاڻ ۾ هڪٻئي سان احسان ۽ ڀلائي ڪرڻ ڪڏهن نہ وساريو ۽ ياد رکو تہ جيڪي جيڪي عمل اوهان ڪيو ٿا سي بيشڪ اللّٰه تعاليٰ ڏسي ٿو.

حٰفِظُوْا عَلَى الصَّلَوٰتِ وَالصَّلٰوةِ الْوُسْطٰى ۗ وَقُوْمُوْا لِلّٰهِ قٰنِتِيْنَ ﴿۲۳۸﴾

(٢٣٨) پنهنجي نمازن جي حفاظت ۾ ڪوشش ڪندا رهو خصوصاً اهڙي نماز جا (ظاهر ۽ باطن ۾) بهترين نماز هجي (ٽپهري يا عصر جي نماز کي بہ صلوات الوسطي وچئين نماز چئبو آهي) ۽ اللّٰه جي حضور ۾ اهڙيءَ طرح نماز ۾ بيهو جو گويا ادب ۽ نياز ۾ مستغرق ٿي ويا آهيو.

فَاِنْ خِفْتُمْ فَرِجَالًا اَوْ رُكْبَانًا ۚ فَاِذَآ اَمِنْتُمْ فَاذْكُرُوا اللّٰهَ كَمَا عَلَّمَكُمْ مَّا لَمْ تَكُوْنُوْا تَعْلَمُوْنَ ﴿۲۳۹﴾

(٢٣٩) پر جيڪڏهن دشمن جو خوف خطرو هجي تہ پيادا هجو يا سوار هجو، هلندي جيئن بہ ٿي سگهي تيئن نماز پڙهي وٺو. پوءِ جيڪڏهن امن امان جي حالت قائم ٿئي تہ اهڙيءَ ئي طرح نماز پڙهو. جهڙيءَ طرح توهان کي سيکاري ويئي آهي، جنهن جي اڳي اوهان کي خبر ڪانہ هئي.

وَالَّذِيْنَ يُتَوَفَّوْنَ مِنْكُمْ وَيَذَرُوْنَ اَزْوَاجًا ۖ وَّصِيَّةً لِّاَزْوَاجِهِمْ مَّتَاعًا اِلَى

(٢٤٠) ۽ توهان منجهئون جيڪي فوت ٿين ۽ پٺيان بيوھ زالون ڇڏي وڃن تہ (مرڻ کان اڳي) وصيت ڪرڻ گهرجين تہ هنن کي (ڪم از ڪم) هڪ سال تائين کاڌو پيتو ڪپڙو وغيرہ ڏنو وڃي ۽ گھر مان نہ ڪڍيو

الْحَوْلِ غَيْرَ اِخْرَاجٍ ۚ فَاِنْ خَرَجْنَ فَلَا جُنَاحَ عَلَيْكُمْ فِيْ مَا فَعَلْنَ فِيْٓ اَنْفُسِهِنَّ مِنْ مَّعْرُوْفٍ ۭ وَاللّٰهُ عَزِيْزٌ حَكِيْمٌ ﴿٢٤٠﴾

وجي، پر جيكڏهن پاڻ سال گذرڻ كان اڳي گهر ڇڏي هليون وڃن ۽ (چار مهينا ڏهه ڏينهن عدت گذرڻ بعد) نكاح وجي كن ته اوهان تي ڏوهه كونهي (يعني پوءِ كاڏو پيتو وغيره پهچائڻ جو اوهان تي بار كونهي نه كي كين روكي هرويرو هك سال تائين سوڳ كرائڻ گهرجي) ياد ركو ته الله تعالىٰ وڏي طاقت ۽ شان وارو ۽ حكمت وارو آهي.

وَلِلْمُطَلَّقٰتِ مَتَاعٌۢ بِالْمَعْرُوْفِ ۭ حَقًّا عَلَى الْمُتَّقِيْنَ ﴿٢٤١﴾

(٢٤١) (۽ ياد ركو ته) جن عورتن كي طلاق ڏني ويئي آهي تن كي مناسب طريقن سان فائدو پهچايو. پرهيزگار ٻانهن تي حق آهي ته ائين كن.

كَذٰلِكَ يُبَيِّنُ اللّٰهُ لَكُمْ اٰيٰتِهٖ لَعَلَّكُمْ تَعْقِلُوْنَ ﴿٢٤٢﴾ ع

(٢٤٢) اهڙيءَ طرح الله تعالىٰ اوهان جي لاءِ پنهنجون آيتون ۽ حكم چٽا چٽا كري ٿو ٻڌائي، انهيءَ لاءِ ته عقل كان كم وٺو.

## ركوع 32

**جهاد، موت كان ڊڄڻ وارن لاءِ سچ پچ موت (ذلت) آهي، كير آهي جيكو الله كي سهڻو قرض ڏئي.**

اَلَمْ تَرَ اِلَى الَّذِيْنَ خَرَجُوْا مِنْ دِيَارِهِمْ وَهُمْ اُلُوْفٌ حَذَرَ الْمَوْتِ ۠ فَقَالَ لَهُمُ اللّٰهُ مُوْتُوْا ۣ ثُمَّ اَحْيَاهُمْ ۭ اِنَّ اللّٰهَ لَذُوْ فَضْلٍ عَلَى النَّاسِ وَلٰكِنَّ اَكْثَرَ النَّاسِ لَا يَشْكُرُوْنَ ﴿٢٤٣﴾

(٢٤٣) (اي پيغمبر!) ڇا تو انهن ماڻهن جي حالت تي نظر نه كئي آهي، جيكي پنهنجن گهرن مان نكري ويا ۽ اگرچه هزارن جي تعداد ۾ هئا ته به (ڊڄڻا) موت جي خوف كان ڀڄي هليا ويا. الله جو حكم آيو ته (موت كان ڀڄي رهيا آهيو ته ڏسو) هاڻي سچ پچ توهان جي لاءِ موت آهي. (ڊڄڻن تي ضرور دشمن غالب پوندو ۽ ڦرلٽ ۽ قتل عام كندو) پر الله تعالىٰ (مٿن رحم كري) كين زنده كيو (يعني منجهن ثابت قدميءَ جو روح ڦوكيو ۽ هو مقابلو كري فتحياب ٿيا) بيشك الله تعالىٰ انسانن تي وڏا فضل كندڙ آهي، پر افسوس جو گهڻائي انسان الله تعالىٰ جي نعمتن جو قدر نٿا كن.

وَقَاتِلُوْا فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ وَاعْلَمُوْٓا اَنَّ اللّٰهَ سَمِيْعٌ عَلِيْمٌ ﴿٢٤٤﴾

(٢٤٤) ۽ (جيكڏهن لڙائي كرڻي پوي ته بهادر ٿي) خدا جي راهه ۾ لڙائي كريو ۽ يقين ڄاڻو ته الله تعالىٰ سڀ كجهه ٻڌي ۽ ڄاڻي ٿو.

مَنْ ذَا الَّذِيْ يُقْرِضُ اللّٰهَ قَرْضًا حَسَنًا فَيُضٰعِفَهٗ لَهٗٓ اَضْعَافًا كَثِيْرَةً ۭ وَاللّٰهُ يَقْبِضُ وَيَبْصُۜطُ ۠ وَاِلَيْهِ تُرْجَعُوْنَ ﴿٢٤٥﴾

(٢٤٥) كير آهي جو الله تعالىٰ كي خوشيءَ سان سهڻو قرض ڏئي جو قرض الله تعالىٰ كيس موٽائي ڏئي (جهاد لاءِ يا ٻيءَ طرح خدا جي راهه ۾ خرچ كرڻ آهي خدا كي سهڻو قرض ڏيڻ، جنهن جي عيوض بي شمار بركتون ۽ نعمتون حاصل ٿين ٿيون) ۽ (تنگدستيءَ كان نه ڊڄو) الله ئي تنگدستي ۽ كشادو رزق ڏيندڙ آهي ۽ آخر ته انهيءَ جي طرف موٽڻو اٿو.

اَلَمْ تَرَ اِلَى الْمَلَاِ مِنْ بَنِيْٓ اِسْرَاۗءِيْلَ مِنْ بَعْدِ مُوْسٰى ۘ اِذْ قَالُوْا لِنَبِيٍّ لَّهُمُ ابْعَثْ لَنَا مَلِكًا نُّقَاتِلْ فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ ۭ قَالَ هَلْ

(٢٤٦) (اي پيغمبر!) ڇا تو بني اسرائيلن جي سردارن جي انهيءَ واقعي تي غور نه كيو جو واقعو حضرت موسىٰ كان پوءِ هنن كي پيش آيو. سردارن پنهنجي وقت جي نبي كي چيو ته، اسان خدا جي راهه ۾ جنگ

عَسَيۡتُمۡ اِنۡ كُتِبَ عَلَيۡكُمُ الۡقِتَالُ اَلَّا
تُقَاتِلُوۡا ؕ قَالُوۡا وَمَا لَنَاۤ اَلَّا نُقَاتِلَ فِىۡ سَبِيۡلِ
اللّٰهِ وَقَدۡ اُخۡرِجۡنَا مِنۡ دِيَارِنَا وَ اَبۡنَآئِنَا ؕ
فَلَمَّا كُتِبَ عَلَيۡهِمُ الۡقِتَالُ تَوَلَّوۡا اِلَّا قَلِيۡلًا
مِّنۡهُمۡ ؕ وَاللّٰهُ عَلِيۡمٌۢ بِالظّٰلِمِيۡنَ ﴿٢٤٦﴾

ڪنداسين (تنهن ڪري) اسان جي لاءِ بادشاه مقرر ڪيو. نبي سڳوري فرمايو تہ ممڪن آهي تہ جيڪڏهن توهان ڪي لڙائيءَ جو حڪم ڏنو وڃي تہ توهان لڙڻ کان انڪار ڪندؤ. سردارن چيو تہ جنهن صورت ۾ اسان پنهنجي گهرن مان تڙيا ويا آهيون ۽ اولاد کان جدا ڪيا ويا آهيون تنهن صورت ۾ ائين ڪيئن ٿي سگهندو جو اسان خدا جي راهہ ۾ نہ وڙهنداسين پر پوءِ جڏهن لڙائي ڪرڻ جو حڪم ڏنو ويو تڏهن ڪن ٿورن کان سواءِ سيني پٺي ڦيرائي، پر الله تعاليٰ بي فرمانن جي (دلين جي کوٽ کان) بي خبر ناهي.

وَقَالَ لَهُمۡ نَبِيُّهُمۡ اِنَّ اللّٰهَ قَدۡ بَعَثَ لَكُمۡ
طَالُوۡتَ مَلِكًا ؕ قَالُوۡۤا اَنّٰى يَكُوۡنُ لَهُ الۡمُلۡكُ
عَلَيۡنَا وَنَحۡنُ اَحَقُّ بِالۡمُلۡكِ مِنۡهُ وَلَمۡ
يُؤۡتَ سَعَةً مِّنَ الۡمَالِ ؕ قَالَ اِنَّ اللّٰهَ
اصۡطَفٰٮهُ عَلَيۡكُمۡ وَزَادَهٗ بَسۡطَةً فِى الۡعِلۡمِ وَ
الۡجِسۡمِ ؕ وَاللّٰهُ يُؤۡتِىۡ مُلۡكَهٗ مَنۡ يَّشَآءُ ؕ وَ
اللّٰهُ وَاسِعٌ عَلِيۡمٌ ﴿٢٤٧﴾

(٢٤٧) پوءِ هنن جي نبي سڳوري کين چيو تہ الله تعاليٰ توهان جي لاءِ طالوت کي بادشاه مقرر ڪيو آهي، (ان جي فرمانبرداري ڪيو ۽ جنگ لاءِ تيار ٿيو) هنن چيو تہ ائين ڪيئن ٿيندو جو هن کي اسان تي حڪمراني ملي ڇو جو حڪمراني لاءِ هن کان وڌيڪ تہ اسان پاڻ حقدار آهيون. ازان سواءِ هن کي مال ۽ دولت جي ڪشادگي بہ ڪانهي. نبي سڳوري فرمايو تہ الله تعاليٰ طالوت کي ئي (حڪمرانيءَ جي لياقتن سببان) توهان تي ترجيح ڏيئي چونڊيو آهي ۽ کيس گهڻي علم ۽ وڏي جسماني طاقت عطا ڪئي آهي. الله تعاليٰ جنهن کي چاهي ٿو (۽ لائق سمجهي ٿو) تنهن کي بادشاهي ڏئي ٿو، بيشڪ الله تعاليٰ وڏي وسعت رکڻ وارو ۽ سڀ ڪجهہ ڄاڻندڙ آهي.

وَقَالَ لَهُمۡ نَبِيُّهُمۡ اِنَّ اٰيَةَ مُلۡكِهٖۤ اَنۡ
يَّاۡتِيَكُمُ التَّابُوۡتُ فِيۡهِ سَكِيۡنَةٌ مِّنۡ رَّبِّكُمۡ وَ
بَقِيَّةٌ مِّمَّا تَرَكَ اٰلُ مُوۡسٰى وَاٰلُ هٰرُوۡنَ
تَحۡمِلُهُ الۡمَلٰٓئِكَةُ ؕ اِنَّ فِىۡ ذٰلِكَ لَاٰيَةً لَّكُمۡ
اِنۡ كُنۡتُمۡ مُّؤۡمِنِيۡنَ ﴿٢٤٨﴾

(٢٤٨) ۽ وري انهن جي نبيءَ سڳوري کين فرمايو تہ ڏسو تہ هن جي حاڪم ٿيڻ جي (لائقي جي) نشاني هيءَ آهي تہ توهان جو پاڪ تابوت (جو هاڻي دشمنن جي قبضي ۾ آهي) ملائڪ اتان کڻي ايندا. انهيءَ تابوت ۾ توهان جي پروردگار جي طرف کان اوهان جي لاءِ (فتح جي) تسلي آهي ۽ جيڪي حضرت موسيٰ ۽ هارون جو خاندان ڇڏي ويا آهن، ان جو باقي حصو آهي. جيڪڏهن توهان مڃڻ وارا آهيو تہ هن ۾ توهان لاءِ وڏي نشاني موجود آهي.

فَلَمَّا فَصَلَ طَالُوۡتُ بِالۡجُنُوۡدِ ۙ قَالَ اِنَّ اللّٰهَ
مُبۡتَلِيۡكُمۡ بِنَهَرٍ ۚ فَمَنۡ شَرِبَ مِنۡهُ فَلَيۡسَ
مِنِّىۡ ۚ وَمَنۡ لَّمۡ يَطۡعَمۡهُ فَاِنَّهٗ مِنِّىۡۤ اِلَّا مَنِ
اغۡتَرَفَ غُرۡفَةً ۢ بِيَدِهٖ ۚ فَشَرِبُوۡا مِنۡهُ اِلَّا
قَلِيۡلًا مِّنۡهُمۡ ؕ فَلَمَّا جَاوَزَهٗ هُوَ وَالَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡا
مَعَهٗ ۙ قَالُوۡا لَا طَاقَةَ لَنَا الۡيَوۡمَ بِجَالُوۡتَ وَ

(٢٤٩) پوءِ جڏهن طالوت لشڪر سان روانو ٿيو تڏهن هن چيو تہ واٽ تي (هڪ ندي ايندي ۽) الله تعاليٰ ان نديءَ جي پاڻيءَ سان توهان جي (صبر ۽ فرمانبراريءَ جي) آزمائش وٺندو. ياد رکو تہ جنهن بہ ان نديءَ جو پاڻي پيتو تنهن سان منهنجو واسطو ڪونهي (انهيءَ کي لشڪر مان ڪڍي ڇڏيندس) پر جيڪو اهو پاڻي نہ پيئندو سو ئي مون سان اڳتي هلندو، پر جيڪڏهن انهن هڪ ڍڪ پيتو تہ فڪر ناهي. پوءِ (جڏهن لشڪر نديءَ وٽ پهتو تڏهن) ڪن ٿورڙن کان سواءِ سيني پاڻي پيتو، (صبر ۽

جُنُوْدِهٖ ۭ قَالَ الَّذِيْنَ يَظُنُّوْنَ اَنَّهُمْ مُّلٰقُوا اللّٰهِ ۙ كَمْ مِّنْ فِئَةٍ قَلِيْلَةٍ غَلَبَتْ فِئَةً كَثِيْرَةًۢ بِاِذْنِ اللّٰهِ ۭ وَاللّٰهُ مَعَ الصّٰبِرِيْنَ ۝٢٤٩

فرمانبرداري ۾ پورا نہ نڪتا) پوءِ جڏهن طالوت ۽ هن سان گڏ اهي ماڻهو جيڪي سچا ايمان وارا هئا نديءَ کان پار لنگهيا، تڏهن انهن ماڻهن (جن پاڻي پي حڪم جي انحرافي ڪئي هئي) چيو تہ اسان ڪي اڄ طاقت ناهي تہ اڄ جالوت سان (جو فلسطيني لشڪر جو راڪاس جهڙو سردار هو) ۽ سندس لشڪر سان وڙهي سگهون. پر اهي ماڻهو جن سمجهيو ٿي تہ (هڪ ڏينهن) الله جي حضور ۾ حاضر رهڻو آهي تن بي ڌڙڪ چئي ڏنو تہ (وڏي لشڪر کان ڪا ڊڄو؟) ڪيتريون ئي ننڍيون ٽوليون خدا جي حڪم سان وڏن لشڪرن تي غالب پئجي ويون ۽ الله تعاليٰ هميشہ صبر ۽ ثابت قدمي رکڻ وارن جو ساٿي آهي.

وَلَمَّا بَرَزُوْا لِجَالُوْتَ وَجُنُوْدِهٖ قَالُوْا رَبَّنَآ اَفْرِغْ عَلَيْنَا صَبْرًا وَّثَبِّتْ اَقْدَامَنَا وَانْصُرْنَا عَلَى الْقَوْمِ الْكٰفِرِيْنَ ۝٢٥٠

(٢٥٠) ۽ جڏهن هو جالوت ۽ سندس لشڪر جي سگهون ٿيا تڏهن هنن دعا گهري تہ اي اسان جا رب! اسان جي مٿان صبر ۽ ثابت قدمي جو پيالو پرٽاءِ ۽ اسان جا قدم ڄمائي رک ۽ اسان کي انهن جي خلاف مدد ڪر جيڪي حق جا منڪر آهن.

فَهَزَمُوْهُمْ بِاِذْنِ اللّٰهِ ڗ وَقَتَلَ دَاوٗدُ جَالُوْتَ وَاٰتٰىهُ اللّٰهُ الْمُلْكَ وَالْحِكْمَةَ وَعَلَّمَهٗ مِمَّا يَشَاۗءُ ۭ وَلَوْلَا دَفْعُ اللّٰهِ النَّاسَ بَعْضَهُمْ بِبَعْضٍ ۙ لَّفَسَدَتِ الْاَرْضُ وَلٰكِنَّ اللّٰهَ ذُوْ فَضْلٍ عَلَى الْعٰلَمِيْنَ ۝٢٥١

(٢٥١) پوءِ هنن الله جي حڪم سان دشمنن کي ڀڄائي ڪڍيو ۽ حضرت دائود جالوت کي قتل ڪري وڌو. پوءِ الله تعاليٰ حضرت دائود کي بادشاهي ۽ دانائي ڏني ۽ جو علم ڪيس سيکارڻ چاهيائين سو ڪيس سيکاريائين. جيڪڏهن الله تعاليٰ (ظالم) ماڻهن کي (نيڪ) ماڻهن هٿان دفع نہ ڪرائي ها تہ دنيا ۾ ظلم ۽ فساد ۽ تباهي زور وٺي ها، پر الله تعاليٰ انسانن تي رحم ۽ فضل ڪندڙ آهي، (نيڪن کي ظالمن جي مقابلي ۾ مدد ڪري ٿو).

تِلْكَ اٰيٰتُ اللّٰهِ نَتْلُوْهَا عَلَيْكَ بِالْحَقِّ ۭ وَاِنَّكَ لَمِنَ الْمُرْسَلِيْنَ

(٢٥٢) (اي پيغمبر) اهي الله تعاليٰ جون آيتون آهن جي توکي برحق ٻڌايون ٿا ۽ بيشڪ تون سچن رسولن منجهان آهين.